آشيرواد

(ڪهاڻين جو مجموعو)

आशीर्वाद

(कहाणीयुनि जो मजमूओ)



گوپ گولاڻي

गोप गोलाणी

آشيرواد

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ :

گوپ گولاڻي

(انڊور)

فهرست

"AASHIRWAD"
(Short Stories)

thor ©	:	Gope Golani
Published by		F H / 202, Scheme 54, Vijaynagar, Indore - 452 010. Tel.: 0731 - 2556620 Mob.: 9329020556
ar of blication	:	October 2014
pe Setting Printing	:	Sudha Printers & Graphics 25, 1st Floor, Prince Market, Furniture Bazar, Ulhasnagar- 421 003. Tel. No. 0251 - 2560465
ition	:	1st
pies	:	500
ce	:	₹ 150/-
ver Design By	:	Prof. Lachhman Hardwani

تي رچيل آهن جي وقت بہ وقت لوڪل اخبارن ۾ ڇپجنديون رهنديون
آهن. مون اِنهن گهٽنائن جي مرڪزي خيال کي پڪڙي پنهنجي ڪلپنا
جي مدد سان انهن جي اوسر ۽ اڏاوت ڪئي آهي. مثال طور: زندگيءَ جي
قيمت، ربڙ جو گڏو، آشيرواد ، مهادان ۽ ممتا جون لهرون. منهنجي هيءَ
ڪوشش ڪيترو ڪامياب ٿي آهي تنهنجو نرڻيہ پاٺڪ ئي ڪري سگهن ٿا.
ان سندن رايي لاءِ بيحد شڪر گذار رهندس.

مان بيحد شڪر گذار آهيان ڊاڪٽر ستيش روهڙا صاحب جو،
تنهن پنهنجي بيحد مشغولين جي باوجود بہ، منهنجي هڪڙي ئي عرض
ي ، هن ڪتاب جي ڪهاڻين کي سوڌي مهاڳ لکي ڏنو آهي.

گوپ گولاڻي

ليکڪ وٽان:

هيءُ ڪتاب پيش ڪرڻ کان اڳ مان پاڻڪن جي اڳيان ٻه ڪهاڻ
جا مجموعا 'تو نہ سڃاتو' ۽ 'شايد سچ هجي' پيش ڪري چڪو آهيا
ٻنهي ڪتابن جي موٽ ۾ مونکي پاڻڪن ۽ ڪيترن ڄاتل سڃاتل اديـ
وٽان همت افزائيءَ جا نياپا ۽ پتر مليا آهن جن منهنجي همت ۽ اتسا
کي اڃا بہ وڌايو آهي. مان اُنهن سيني سڄڻن جو بيحد شڪرگذار آهيان

اڪثر اسين چوندا آهيون تہ زندگي هڪ پرولي آهي، هـ
ٻُجهارت آهي جنهن کي سلڻ بيحد ئي مشڪل آهي. اسين قدم قد
تي رشتا ناتا جوڙيون ٿا ۽ اُنهن سان کي اُميدون جوڙي رکون ٿا ۽ اُ
اُميدون يا آشائون جڏهن برثواب نہ ٿيون ٿين تہ اسين بيحد دک جا پا
ٻڻجي ٿئون ٿا. ڪوئي بہ اِنسان ڏنل حالتن ۾ ڪيئن موٽ (sponse
ڏيندو اُهو مدار تو رکي هن جي گڏ ڪيل سنسڪارن (Impressions) مٿا
کي سنسڪار تہ اسين جنم سان گڏ ئي کڻي اچون ٿا، ليڪن کي نو
سنسڪار اسين پرايون بہ ٿا زندگيءَ جي ڪٺن منن آزمودن مان. اُنهن ڳ
سنسڪارن مان ئهي ٿو زندگيءَ جو نظريو يا Outlook جو هر هڪ اِنسان
الڳہ الڳہ ٿي سگهي ٿو ۽ اِهو ئي ڪارڻ آهي جو هرڪو اِنسان زندگيءَ ج
هر موڙ تي ساڳين حالتن ۾ هوندي بہ الڳہ الڳہ نموني موٽ (sponse
ڏئي ٿو. سياڻن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اسين ان ڳالهہ کي سمجھ
سگهون تہ پوءِ ٻين منجهان رکيل اُميدون ۽ آشائون برثواب نہ ٿيڻ
اسين نااُميد يا دکي نہ ٿينداسين.

هن ڪتاب اندر ڪهاڻين جا ڪردار الڳہ الڳہ سڀاوَ جا آهن، ڪ
آشاوادي تہ ڪي نراشاوادي، ليڪن هوُ اِنسان آهن. سنايں ۽ ٻراين جو مل
جڙيل جوڙ . دنيا ۾ ڀلائيءَ جو حصو ٻرائيءَ جي پيٽ ۾ برابر گهٽجندو
وڃي ليڪن اِنسانيت اڃا جيئري آهي ۽ رهندي. هڪ ٻُري کان ٻُري اِنس
مان بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڀلائيءَ جي چڻنگ روشن ٿيندي آهي. اِن اُ
سان مان هي ڪتاب پاڻڪن اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان.

مان هت اِهو ظاهر ڪرڻ واجب ٿو سمجهان تہ هن ڪتاب
اندر درج ٿيل ڪهاڻين مان ڪيتريون ڪهاڻيون حقيقي گهٽنائن جي آ

ويا آهن. انساني رشتا بي معنيٰ بڻجي رهيا آهن. انسان ۾ لالچ
ايتري حد تائين وڌي ويئي آهي جو ان لاءِ کھڙو به ڪڏو ڪم
ڪرڻ لاءِ هوُ تيار ٿي ٿو وڃي. ان لالچ کان ساڌو مهاتما به ڇٽل نه
آهن. انڌوشواس وڌيل آهي انڪري سماج ۾ نراشا جو ماحول پيدا
ٿي ويو آهي.

’آشيرواد‘ جون ڪهاڻيون ان نراشا جي وايو منڊل ۾ آشا
جي اُميد پيدا ڪرڻ جون ڪهاڻيون آهن، يا انسان جي اندر انسان
جي ڳولها جون ڪهاڻيون آهن.

’آشيرواد‘ اِئين ته هڪ ڪهاڻيءَ ۾ آيل سادارڻ لفظ آهي
ر سيني ڪهاڻين جو سُر ۽ تت اِهو آهي ته آشيرواد جي روپ ۾
نسان کي اِنسان هئڻ جو درجو حاصل ٿيو آهي. ان ڪري آشيرواد
جموعي جي هر ڪهاڻيءَ ۾ انسانيت جو جذبو ظاهر يا لڪل نموني
وجود آهي.

’پنهنجا پراوا‘ ۾ هڪ جيب ڪترو ڪنهن غريب مزور جي
سي مان چورايل پنجاهه رپين ۾ پنهنجا پنجاهه رپيا گڏي مزور
ي پيڊي ماءُ کي موڪلي ڏئي ٿو.

’سهڻي صلاح‘ ۾ هڪ منووگياني، گتڪي جي عادي اِنسان
ُ رڪشا واري کي رپيو گهٽ ڏيئي ان جو گتڪو کائڻ جي کيل
اهه جو احساس ٿو ڪرائي ۽ اهو نوجوان بدلجي ٿو وڃي.

’چانديءَ جي ٿالهي‘ هڪ بکاريءَ جي جيڪا درگتي ڪري
اها بنا محنت حاصل دولت جو احساس ٿي ڪرائي.

’گهور ڪلجڳ‘ هڪ عجيب اِنسان جي ڪهاڻي آهي جيڪو
ت ڪارائي چاچي جو کيت ڦٻائي ٿو وڃي ۽ اُهو کيس ڪٽي ٿو
ُ پر پڳوان سان کيل وڃن ته هو کيس ڪتڻ جي حالت ۾ روز
س درشن ڪرڻ ايندو، اهو انجام پاڙڻ لاءِ هوُ روز مندر ۾
و ٿو رهي.

’زندگيءَ جي قيمت‘ ان قانون جي طنز تي آهي جنهن

مهاڳ:

اِنسان جي اندر اِنسان جي موجودگيءَ تلاش جون ڪهاڻيون

• ڊاڪٽر ستيش روهڙ

”آشيرواد“ گوپ گولاڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. ڪيترن نون اديبن کي لڳندو هوندو ته گوپ گولاڻي ڪو نئون ليکڪ آهي، جڏهن حقيقت اِن جي بر عڪس آهي. گوپ گولاڻي ٨٠ سالن جي ڄمار جي ويجهو آهي ۽ هو 1954 کان ڪهاڻيون لکندو هو. گوپ گولاڻي جبلپور جو رهاڪو آهي (ورهاڱي کان پوءِ). جبلپور ۾ گوپ ۽ بين ڪجهه دوستن گڏجي ’نئين زندگي‘ ادبي مخزن شروع ڪئي هئي، جنهن جو اُن وقت سمپادڪ منوگيان جو پروفيسر راڌاڪرشن گرناڻي هو. تڏهن کان وٺي 1960 تائين گوپ گولاڻي جون ڪهاڻيون نئين زندگي ۽ بين ادبي رسالن ۾ ڇپجنديون هيون. 1960 ۾ گوپ پنجاب نئشنل بئنڪ ۾ هڪ ننڍي آفيسر جي روپ ۾ مقرر ٿيو، جتان 1995 ۾ دهليءَ جي هيڊ آفيس مان جنرل مئنيجر جي معتبر عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ پورن 35 سالن کان سندس روح ۾ دٻيل ادبي جذبو پوري طاقت سان نڪري آيو ۽ وڌڻ لڳو. هاڻي گوپ گولاڻيءَ جو قلم روان آهي ۽ گوپ جي قلم مان اندازُ لڳائڻ ئي ڏکيو آهي ته هو ڪو هيتري ادبي اڱبات واس کان پوءِ وري لکي رهيا آهن. رٽائرمينٽ کان پوءِ گوپ ڏهه ڪتاب شايع ڪري چڪا آهن، جن ۾ ناول به آهي، ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جا ڪتاب به آهن.

اَڄ سماج جو وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي ته انسان مان انسانيت گهٽجي رهي آهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته انسان جو انسان رهيو ئي ڪونه آهي. ان سبب سماج ۾ گهڻائي مسئلا پيدا ٿ

ڏسي ٿو ته هڪ چمار جو پٽ پھريون نمبر اَچي رهيو آهي ۽ سندس پٽ خواهه مُکيءَ جو پٽ پٺتي رهجي ويا آهن. رزلٽ آئوٽ ٿي. پيرومل جو پٽ پھريون نمبر آيو هو ۽ چمار جو پٽ ناپاس ٿيو. هيءَ ڪهاڻي اِئين ته سرل ۽ بياني آهي پر اِها ڌرتراشٽر جي ياد ڏياري ٿي وڃي، جنهن جي پٽ جو موهه مهاڀارت جو ڪارڻ بڻيو. رزلٽ پڌڻ کان پوءِ هڪ ماستر جي وات مان نڪري ٿو وڃي، 'دروڻاچاريه اڄ به موجود آهي.' مطلب ته اسان جي اصول پرستي ۽ ايمانداري تيستائين آهي جيستائين اسانجي سوارٿ سان انهن جو ٽڪراو نه آهي.

'آشيرواد' هن مجموعي جي واسطيدار موضوع تي هڪ اثرائتي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هڪ نوجوان ڇوڪرِي مائٽن جي ناراضپي جي باوجود پنهنجي اپاهڄ پريميءَ سان شادي ڪري ٿي، جيڪو هڪ ايڪسيڊنٽ ۾ پنهنجون ٻئي ٽنگون وڃائي ويهي ٿو. هن شاديءَ ۾ ڇوڪريءَ جا ماءُ - پيءُ ته نٿا شامل ٿين پر شهر جا چڱا ئي معتبر شخص هن جوڙي کي آشيرواد ٿا ڏين.

'پول کلي پيو' ۱۰-۱۲ سالن جي بيحد غريب ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي جيڪو هڪ سيٺ وٽ انيڪ تڪليفون سهي به نوڪري ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن ٻاهر وڃڻ سبب سيٺ باغ ۾ ڪتڙن ي پيارڻ لاءِ به کير جون ٿيلهيون ڇوڪري کي ڏئي ٿو جيڪي هو ڪتڙن کي پيارڻ جي بدران پاڻ پي وڃي ٿو ۽ ڳالهه کلي پوڻ تي يٺ کيس ڏاڍي بي رحميءَ سان ماري ٿو. اها مشهور چوڻي هتي ڳو ٿئي ٿي ته 'گناهه غريبيءَ جي پيٽ مان جنم وٺندو آهي.'

'سهارو' هڪ اهڙي استريءَ جي ڪهاڻي آهي جنهن جو يمي شاديءَ کان هفتو اڳ هڪ ايسڪيڊنٽ ۾ گذاري ويو ۽ هوءَ ٽن کان الڳ ٻئي شهر ۾ وڃي رهي پر اِهو ڏسي کيس ڇڳي پيڙا ، ته سماج ۾ اڪيلي استريءَ جو رهڻ بلڪل ڏکيو آهي. ان ڪري ۽ هڪ ڇوڪرو گود وٺي ٿي ۽ ان جو نالو ۽ سرنيم پنهنجي

موجب بگڙيل پريمي جي تيزاب جي شڪار استريءَ کي ٽي لک
عيوضي طور ڏيڻ جو قانون آهي. يعنيٰ ٽي لک رپيا ڪنهن استري
جي برباد زندگيءَ جي قيمت آهي.

’ڪير جو گلاس‘ ان اتفاق تي ٻڌل آهي تہ ڪنهن قياس
جوڳي حالت ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ هڪ جوان ڇوڪري کي ڪير
گلاس پياري چئي تہ هن جي جان بچائي هئي ۽ اهوئي ڇوڪ
ڊاڪٽر بڻجي وڃڻ کان پوءِ بيحد لاچار تي ويل ان استريءَ جو
آپريشن ڪري جان بچائي ٿو ۽ اسپتال جو سمورو بل پاڻ ٿو ڀري.

’ديا ڌرم ڪا مول‘ ڪهاڻيءَ جو آڌار اِهو آهي تہ اڄ ديا ڌر
جو نہ پرتڳيءَ جو مول بڻجي پئي آهي.

’حساب ڪتاب‘ ڪهاڻي ايشور چندر جي ’غلط حساب‘ج
ياد ٿي ڏياري. هڪ آفيسر جنهن جي پتني ڇڱو وقت اول ئي گذار
ويئي آهي. ان جي رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ سندس ٻنهي پٽن ۾ وو
پيدا ٿي وڃي ٿو. هرڪو پٽ پيءُ کي رهائڻ ٿو چاهي. آخر پي
وڏي پٽ وٽ ئي رهڻ جو فيصلو ٿو ڪري. ٿورن ڏينهن کان پ
پيءُ کي هارٽ اٽيڪ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر آپريشن جو خرچ ٻڌائي ٿ
پٽ اِهو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو پر ڇوڪري جي زال خرچ ڪر
کان منع ٿي ڪري. ڇوڪرو زال کي سمجهائي ٿو تہ آپريشن
خرچ سندس پيءُ جي پينشن مان هڪ سال ۾ ئي وصول ٿي وين
پيءُ، پٽ- نونهن جي اِها گفتگو ٻڌي ٿو وٺي ۽ آپريشن کان
ئي هن دنيا کي الوداع ڪري ٿو وڃي.

’رٻڙ جو گڏو‘ ڪهاڻي ان نقطي کي اظهاري ٿي تہ پتي
پتني جي الڳہ ٿي وڃڻ تي رڳو پيءَ جي نظرداريءَ هيٺ پليل پ
پنهنجي سوچ ۽ آتم وشواس کان خالي ٿي رڳو پيءُ جي اشاري
هلندڙ رٻڙ جو گڏو بڻجي پوي ٿو.

’ماستر پيرومل‘ هڪ ڳوٺ جي اسڪول جو هيڊ ماستر آه
ماستر پيرومل سڄي ڳوٺ ۾ پنهنجي قابليت، ايمانداري ۽ لگن
مشهور آهي. ستين درجي جا پيپر جاچڻ کان پوءِ ماستر پيرو

’سچائيءَ کان پري‘ هن مجموعي ۾ هڪ ٻي اهڙي ڪهاڻي
آهي جيڪا ڪنهن سماجڪ مسئلي سان واسطيدار نہ آهي. هيءَ هڪ
شخص جي ڪومل، ابوجهہ ڀاونا سان جڙيل ڪهاڻي آهي؛ جنهن ۾
هڪ شخص چاليهہ سالن تائين ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڳاڏيءَ ۾
لنگهندو ڏسندو رهي ٿو ۽ اڻ سڃاتل هئڻ جي باوجود پنهنجي من
کي ان سان جڙيل سمجهي ٿو. جڏهن چاليهن سالن کان پوءِ هوُ
حقيقت کان واقف ٿئي ٿو تہ کيس خبر پوي ٿي تہ جنهن انهن
سالن جي ڇوڪريءَ کي هن پهريون دفعو ڳاڏيءَ مان ڏٺو هو اها تہ
ٿي سال ڪنهن حادثي ۾ گذاري ويئي.

’نيتردان‘ اکين جيءُدان ڪرڻ جي موضوع سان جڙيل
ڪهاڻي آهي ۽ ’ممتا جون لهرون‘ استري جي ممتا جي اها ڪهاڻي
هي جنهن ۾ هڪ استري پنهنجي پٽ جي ٻل ڏيندڙ بي رحم
اچي جي ٻن ٻي سهاري ڌيئرن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي
ي.

ڪل ملائي هيءُ ڪهاڻيون سماجڪ موضوعن - مسئلن سان
سطيدار آهن جن مان گهڻين ڪهاڻين ۾ ڪوئي نہ ڪوئي اُپديش
مسئلي جو حل ٻڌايل آهي. ان خيال کان هيءُ آشاوادي ڪهاڻيون
ن. گولاڻيءَ کي ڪهاڻي ٻڌائڻ جو ڏانءُ آهي. ان ڪري ڄاتل
سڃاتل موضوعن- جيئن نيتردان، ٽڪي کائڻ جي عادت، پٽن جو
خلف هجڻ کي بہ گولاڻي ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ اُٽي سگهيو
ي. البت ان لاءِ هن کي گهڻين ئي ڪهاڻين ۾ گهٽنائن -
گهٽنائن کي آڌار بڻائڻو پيو آهي.

اسان کي اميد آهي تہ گولاڻيءَ جو قلم پوري شدت سان
ندو رهندو ۽ سنڌي ادب کي گولاڻي اهڙين ڪهاڻين سان بہ
امال ڪندو جن تي اُپديش ۽ گهٽنائن جو واڌو بوجهہ نہ هوندو ۽
ڪي انسان جي مانسڪ ڪشمڪش سان وڌيڪ جڙيل هونديون.

- ستيش روهڙا

پريميءَ وارو رکي هن جو ونش قائم ٿي ڪري. هيءُ ڪهاڻي سماج
۾ اڪيلي استريءَ جي ڏکئي رهڻ ڏانهن اشارو بہ ڪري ٿي
اهڙيءَ استٿيءَ ۾ ڪو ’بولڊ‘ فيصلو ڪرڻ لاءِ بہ همٿائي ٿي.

’بہ خط‘ هن مجموعي جي موضوع خواهہ ان جي بناهہ جي
خيال کان نہ رڳو بولڊ پر وقتائتي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ماءُ جي موت
بعد پيءُ کي اڪيلو ڇڏي پٽ نونهن، هڪ وڏوا نوڪرياڻيءَ کي
پيءُ جي سنڀال جو ڪم سونپي پنهنجي فرض ادائي پوري ڪري
هليا ٿا وڃن. اِها وڏوا اهڙي تہ لڳن ۽ پنهنجائيءَ سان هن وڏي
عمر جي شخص جي سيوا ڪري ٿي جو ڪجهہ وقت کان پوءِ ا
سيواڌارڻ وڏوا لاءِ ان بزرگ جي من ۾ همدردي ۽ پنهنجائيءَ ج
ڀاو پيدا ٿي وڃي ٿو. هو سوچڻ ٿو لڳي تہ سندس مرڻ کان پ
سندس پٽ هيءُ گهر تہ وڏوا کان خالي ڪرائي ڇڏيندو ۽ هن وڏ
کي پوءِ نہ رهڻ لاءِ اجهو هوندو ۽ نہ گذران جو وسيلو. اهو سوچي ه
فيصلو ٿو ڪري تہ هو هن عمر ۾ هن وڏوا سان قانوني ڍنگ سا
شادي ڪندو جيئن سندس مرڻ کان پوءِ قانوني طرح سان اِها وڏ
هن گهر جي مالڪياڻي بہ ٿيندي ۽ کيس فئملي پينشن جي رق
جو گذران لاءِ ساڌن بہ جڙي پوندو ۽ پوءِ هوُ اُن وڏوا سان شاد
ڪري ٿو ڇڏي.

’ڪاٺيءَ جو پٽ‘ اُن ماءُ جي ڪهاڻي آهي جيڪا پنهنج
ننڍي پٽ جي هڪ درگهٽنا ۾ وڃايل اک لاءِ پنهنجي اک ڏئي ٿ
ڇڏي ۽ ڪاٺي ٻڻجي ٿي پوي. پر پٽ کي اِها ڳالهہ ٻڌائي نٿ
ڇوڪرو اسڪول ۾ ’ڪاٺيءَ جو پٽ‘ جي طعانن کان بيزار ٿي گ
ڇڏي ٿو وڃي ۽ ويهن سالن کان پوءِ کيس ان حقيقت جي خبر پ
ٿي جڏهن هن جي ماءُ مري چڪي آهي.

’کير پٽ چو گهرندو‘ ڪهاڻيءَ ۾ پٽ نونهن دواران ن
انداز ڪيل وڏوا ٻڍي ماءُ جي ڏيءُ دواران پرگهور لهڻ جو موض
آهي.

ايندي آهي. ڪالهه ئي بس مان لهندي ڪنهن جيب ڪتري سندس کيسو ڪتي ڇڏيو، جنهن سبب سندس ڳڏ ڪيل پنجاهه روپيا به ويندا رهيا. بيڪوُ اُداس ٿي پنهنجيءَ قسمت کي ڪوسڻ لڳو. کيس پنهنجيءَ ماءُ جي چنتا ٿيڻ لڳي. ليڪن هوُ ڪجهه به ڪونه ٿي ڪري سگهيو.

ڪجهه ڏينهن بعد بيڪوُ کي پنهنجي ماءُ وٽان هڪ خط آيو. هن سمجهيو ته پڪ ئي پڪ ماڻس هن مهيني پيسا نه موڪلڻ جي شڪايت لکائي هوندي، ليڪن تعجب جي ڳالهه اِها هئي ته ماڻس کي هن مهيني جا هڪ سؤ روپيه پهچي چڪا هئا ۽ هن پٽ لاءِ لکين آسيسون موڪليون هيون. بيڪوءَ کي پنهنجي اکين تي جڻ اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو. هن وَرَ وَرَ ڪري ماءُ جو خط پڙهيو ته ڪٿي چوڪ نه ڪئي هجائين. ماڻس کي پيسا ملي چڪا هئا، اِهو سچ هو! هي ته جڻ ڪو ڪرشمو ٿي ويو. بيڪوءَ کي سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته سندس ماءُ کي هڪ سوءَ روپيه ڪيئن ملي ويا جڏهن ته هن موڪليا ئي ڪونه هئا.

ٻه چار ڏينهن گذريا ته بيڪوءَ کي هڪ ٻيو خط به اَچي مليو. خط ڪنهن اڻڄاڻ شخص وٽان آيل هو. خط ۾ لکيو هئائين، ”ڀائي صاحب! پنجاهه روپيا تنهنجا، تن ۾ پنجاهه روپيا مون پنهنجا ڳڏي تنهنجيءَ ماءُ کي هڪ سوءَ روپيه موڪلي ڏنا آهن. ماءُ ته آخر سيني جي هڪ جهڙي ٿيندي آهي، جهڙي تنهنجي اهڙي منهنجي. اُها ويچاري ڇو ٻڪون ڪڍي! ...... جيب ڪترو.“

بيڪوءَ جي دل ڀرجي آئي ۽ هن روئي ڏنو.

(مرڪزي خيال ’ڀاسڪر‘ تان ورتل)

◇◇◇◇

(ا) ''پنهنجا پراوا''

بيڪوُ جڏهن پنهنجي ڳوٺ مان شهر ۾ آيو هو تہ پنهنجيءَ م
سان واعدو ڪري آيو هو تہ کيس هر مهيني هڪ سؤ روپيہ موڪلين
رهندو. کيس ڪنهن واقفڪار جي معرفت شهر جي هڪ ٺيڪيدار و
مزوري ڪرڻ جي نوڪري ملي وئي هئي، جنهن کي هن ڀڳوان ج
وڏي عنايت ڪري ٿي سمجھيو. ماءُ پوڙهي هئي، انڪري کيس ڳو
۾ ئي ڇڏي آيو هو، اِهو سوچي تہ شهر جي پيڙ ڀاڙ ۾ ڪٿي پئي ساڻ
ٿاٻا کائيندي. پاڻ تہ هِتي هُتي ڪٿي بہ رات جا چار پهر مٿو لڪا
ٿي سگهيو، ليڪن پوڙهي ماءُ تہ اِئين ڪونہ ٿي ڪري سگهي. اِنڪر
ڳوٺ جي پاڙي وارن کي پارت ڪري هوُ بي اونو ٿي شهر آيو هو.

ماءُ کي هر مهيني هڪ سؤ روپيہ موڪلڻ جو سلسلو ڇهہ
مهينا تہ بي روڪ هلندو رهيو، ليڪن اوچتو ئي ٺيڪيدار جي ڪم
ڪورٽ جو اسٽي آرڊر اچي ويو، جنهن ڪري کيس اڏاوت جو ڪم
۾ ئي بند ڪرڻو پيو ۽ نتيجي طور سڀ مزور بيڪار ٿي ويا. بد نصي
بيڪو بہ اُنهن مان هڪ هو.

بيڪوءَ ٻي ڪا نوڪري ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪ
بہ کيس ڪاميابي نہ ملي سگهي. هوُ ننڍي ننڍي مزوري ڪرڻ
جيئن ماءُ کي هر مهيني جا هڪ سؤ روپيہ موڪلي سگهي. وڏيءَ مش
سان هوُ هن مهيني ۾ پنجاهہ روپيا ڪٺا ڪري سگهيو هو ۽ کيس اُ
هئي تہ ڪجھہ ڏينهن ۾ ٻيا پنجاهہ روپيا ڪٺا ڪري ماءُ کي هڪ
روپيہ مني آرڊر ذريعي موڪلي ڏيندو. اِنهيءَ لاءِ هن پوسٽ آف
وڃي مني آرڊر جو فارم بہ پرائي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيو ه
جيئن پيسا موڪلڻ ۾ هن کي هڪ ڏينهن بہ دير نہ ٿئي. مني آرڊر
فارم ۾ هن اِهو بہ سنديش ماءُ لاءِ لکايو هو تہ سندس نوڪري ڇڏائ
ڇُڪي هئي، انڪري هن مهيني دير سان پيسا موڪلي رهيو
ليڪن آئيندهہ ڪڏهن بہ دير نہ ڪندو.

ليڪن بدنصيبي جڏهن ايندي آهي تہ ڇئني پاسن کان

ڪائڻ جي صلاح ئي ڪونہ ڏني ۽ ڏيندس بہ ڪونہ.''

هريش حيرت ڀريل نظرن سان ڊاڪٽر طرف ڏسڻ لڳو تہ هي ڪهڙو عجيب ڊاڪٽر جو گٽڪي ڪائڻ جي خلاف لمبو ليڪچر ئي ڪونہ ٿو ڏئي.

ڊاڪٽر ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو، ''مان رڳو اِهو ٿو ڄاڻڻ چاهيان تہ توکي گٽڪو ڪائڻ جي عادت ڪيئن ۽ ڪڏهن کان شروع ٿي؟ يعنيٰ تہ پهريون دفعو تو گٽڪو ڪڏهن کاڌو ۽ ڇو کاڌو؟''

هريش کي چپ وينل ڏسي ڊاڪٽر پنهنجو سوال دهرايو، ''تون ياد ڪر تہ پهريون دفعو گٽڪي جو پائوچ ڪنهن توکي ڏنو ۽ ڇو ڏنو؟ چڱيءَ طرح ياد ڪري ٻڌاءِ........''

هريش ڪجهہ دير تائين ياد ڪندو رهيو ۽ پوءِ چوڻ شروع ڪيو. هن چيو، ''هڪ ڏينهن مان ڪاليج وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتو هوس جو گهر جي ٻاهران هڪ رڪشا وارو ملي ويو، پڇيومانس ڪاليج هلندين ڇيائين، ها هلندس.''

ڊاڪٽر پڇيو، ''ها، پوءِ ڇا ٿيو؟''

هريش چيو، ''رڪشا ۾ ويهڻ کان اڳ مون کائنس پڇيو، ڪيترو ڀاڙو وٺندين تہ چيائين پنج روپيہ. هونءَ مان هر روز رڪشا واري کي پنج روپيہ ڏيندو آهيان، ڇو تہ گهر کان ڪاليج تائين اِهو ڀاڙو ٻڌجي ويو آهي. ليڪن مون پڪائي ڪندي رڪشا واري کي چيو تہ تون ڀاڙو گهڻو ٿو ٻڌائين ۽ مان بہ قدم اڳتي نڪري ويس اِهو ڏسڻ لاءِ تہ رڪشا وارو ڇا ٿو چوي.''

''رڪشا وارو منهنجي پٺيان ايندو رهيو ۽ نيزاري ڪندي چيو تہ بابوجي اَڃا تہ بوهڻي بہ ڪونہ ٿي آهي. تون هرويرو پڪائي ٿو ڪرين تہ ڪٽي چار روپيہ ڏج. چار روپيہ منظور ڪري سندس رڪشا ۾ ويٺم ۽ هوُ ڪاليج تائين وني آيو.''

''...... ليڪن ان جو گٽڪي جي پائوچ سان ڇا واسطو؟''

ڊاڪٽر ڪجهہ منتظر ٿي پڇيو.

''........ مان اُهو تہ ٻڌايان ٿو.....'' هريش چيو، ''جڏهن مان

(٢) ”سُهڻي صلاح“

گيانچند بلڪل ئي پريشان ٿي چڪو هو. هن سڀ حيلا هلايا هـ
ليڪن سندس پٽ هريش باز ئي نہ ٿي آيو. روز در روز سندس گُٽڪ
کائڻ جي عادت وڌي ٿي زور پڪڙيندي. ڏينهن ۾ ڪيترا گُٽڪا کائين
هو تنهن جو ڪو حساب ئي ڪونہ هو. جيڪڏهن گيانچند روڪين
هوس يا خرچي ڏيڻ بند ڪندو هوس تہ هريش گهر مان چوري ڪر
وڃي پنهنجي عادت پوري ڪندو هو. ڪاليج وڃڻ تہ ڪيترن ڏينه
کان ئي بند ڪري ڇڏيو هئائين، چوي تہ منهنجو من ئي نٿو لڳي
مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي. بخار ۽ کنگهہ تہ هميش
ٿيندي ئي رهندي هيس. ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ اِهو سڀ گُٽڪو کا
ڪري هو ۽ جيڪڏهن گُٽڪو کائڻ بند نہ ڪيائين تہ کيس ڪئنسر
ٿي سگهي ٿي.

هڪ ڏينهن گيانچند کي ڪنهن دوست صلاح ڏني تہ هري
کي ڪنهن منووگيان جي ڄاڻو ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃي، جو ئي هُن
صحيح علاج ڪري سگهندو. ڊاڪٽر شرما شهر جو مشهور منووگيان
ڄاڻو ڊاڪٽر هو. گيانچند پنهنجي ڇوڪري کي ڊاڪٽر شرما وٽ
آيو ۽ اڪيلائيءَ ۾ کيس سموري حقيقت کان واقف ڪرايو تہ ڪ
سندس پٽ هريش گٽڪي جو عادي بڻجي چڪو هو ۽ ڪيترين
ڪوششون ڪرڻ تي سندس عادت ڪونہ ٿي وئي، جنهن ڪري سن
صحت پڻ وڌي ٿي بدتر ٿيندي.

ڊاڪٽر شرما هريش کي پنهنجي پرائيوٽ ڪمري ۾ ا
ويهاريو ۽ سندس پيءُ کي ٻاهر ويهڻ لاءِ چيو. هريش ڄاتو ٿي تہ ڪ
ڊاڪٽر شرما وٽ ڇو آندو ويو آهي. انڪري ڪرسيءَ تي ويهندي
هن چيو، ”ڊاڪٽر صاحب، مان تہ خوب ٿو ڪوشش ڪريان تہ هيءَ گ
کائڻ جي عادت وڃي، ليڪن مان مجبور آهيان. جيڪڏهن مان گ
نہ کائيندس تہ مري ويندس.“

ڊاڪٽر شرما ڏانهس مشڪندي چيو، ”مان تہ توکي گٽڪ

۽ اِئين آهستي آهستي ڪري هاڻي ته هر ٽن ڪلاڪن کان پوءِ يا چئن ڪلاڪن کان پوءِ هڪ پائوچ ضرور گهرجي نه ته شرير ۾ بيقراري ٿيڻ لڳندي آهي ۽ اِئين محسوس ڪندو آهيان ڄڻ ته منهنجو دم پيو گهٽجي. ممي ۽ پپا مونکي گهڻو ئي سمجهايو آهي، ليڪن مان ڇا ڪريان؟ جڏهن ساهه گهٽجڻ ٿو لڳي ته گٽڪو کائڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان......''

''.... بس... بس..... مون ڳالهه سمجهي ورتي.'' ڊاڪٽر شرما هريش کي روڪيندي چيو، ۽ هريش وائڙن وانگر ڄڻ ڊاڪٽر جي منهن ۾ تڪڻ لڳو اِهو ڄاڻڻ لاءِ ته ڊاڪٽرڇا ٿو چوڻ چاهي.

ڊاڪٽر ٿوري دير رڪي چيو، ''جڏهن به ڪنهن سان انياءُ ڪبو آهي ته ان انياءُ ماڻ بچايل ڏن هميشهه برائيءَ ۾ ئي خرچ ٿيندو آهي. چور ۽ ڌاڪو ڌن لٽي ڇا ست ڪرم ڪندا آهن؟''

''... ليڪن مون ڪهڙو انياءُ ڪيو؟'' هريش پڇيو.

''توکان ئي ته وڏو انياءُ ٿي ويو جڏهن تو رڪشا واري کي ننجن روپين جي بجاءِ چار روپيه ڏنا. هن جي حق جو ۽ محنت جو هڪ روپيه تو پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو ۽ اِهو هڪ روپيه تنهنجي برائيءَ جو ڪارڻ بڻجي پيو. جيڪڏهن اُن ڏينهن ڪنون هميشهه جيان هن کي ننجه روپيه ڏين ها ته توکي گُٽڪي کائڻ جو چانس ئي نه ملي ها... ۽ ڄ تون هن مرض ۾ مبتلا نه هجين ها!'' هريش ٽپرس مان ڊاڪٽر انهن نهارڻ لڳو. ڪيس اِئين لڳو ڳويا ڊاڪٽر سچ چوندو هجي.

''هاڻي توکي اُن انياءَ ڪرڻ لاءِ پراشچت ڪرڻو پوندو.'' اڪٽر شرما هريش جي پٺي ٿپيندي همدرديءَ مان چيو.

''.........ليڪن ڪيئن؟'' هريش پڇيو.

''پهريائين ته تون من ۾ اِهو قبول ڪر ته توکان برابر انياءُ ٿيو ي. هن غريب جو هڪ روپيه ڦٻائي تو سٺو نه ڪيو ۽ ٻي ڳالهه ته انياءُ رڻ جي سزا به ملڻ گهرجي.'' ڊاڪٽر چيو.

''ڪهڙي سزا؟'' هريش هڪدم پڇي ويٺو.

ڪاليج پهتس ته مون پنجن روپين جو نوٽ ڪڍي رڪشا واري
ڏنو. رڪشا وارو پنهنجو کيسو ڳولهڻ لڳو. ليڪن کيس موٽائي ڏيڻ
هڪ روپيه ڪونه مليو تڏهن چيائين صاحب، اجا ته هيءَ ٻوهڻي ڪ
اٿم، ڪليل هڪ روپيه ته مون وٽ ڪونهي. مان ناراض ٿي ساٽس جڳ
ڪرڻ لڳس ته سپيئي رڪشا وارا پئسا ٺڳڻ لاءِ اِئين ئي چوندا آ
هن قسم کڻي چيو ته سچ ۾ وٽس هڪ روپيو مٽيل ڪونه هو، ليڪن
به هڪ روپيو ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هوس.''

''پوءِ ڇا ٿيو؟'' ڊاڪٽر وري پڇيو.

''مون چوڌاري نظر ڦيرائي، ڪاليج جي ٻاهران پان واري
دڪان کلي ويو هو. مان رڪشا واري کي اُتي بيهاري پان واري
نوٽ مٽائڻ هليو ويس، ليڪن پان وارو بنان ڪجھ خريد ڪرڻ
نوٽ مٽڻ لاءِ تيار ئي نه ٿي ٿيو. تڏهن مون کيس چيو ته چار روپيه
ڏي ۽ باقي هڪ روپيه جو جيڪو وٽيس سو ڏي. هن چار روپيه ته ڇُ
۽ هڪ روپيه جي عيوض هن مونکي هڪ پائوچ ڏنو جو مون سُڳند سو
سمجهي کائي ڇڏي.''

''سُڳند سوپاريءَ ۽ گٽڪي ۾ توکي ڪو فرق سمجهه ۾
آيو؟'' ڊاڪٽر کانئس سوال ڪيو.

''مون ته ان کان اڳ نه ڪڏهن گٽڪو کاڌو هو نه ئي
سوپاريءَ جو سواد چکيو هو. مونکي ته ڪا ڄاڻ ئي ڪونه هئي.
کائڻ کان پوءِ محسوس ڪيو ته پان واري مزيدار شيءِ ڏني هئي
جو سواد بيحد وڻندڙ هو، جنهن جي کائڻ سان دماغ ۾ هلڪ
چڙهي ويو. بس پوءِ ته روز وڃي پان واري کان اُهو پائوچ وٺي
شروع ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ڏينهن کائڻ رهجي ويندو هو ته اُه
ڏينهن پاڻ کي سست سست سمجهندو هوس ۽ ڪوبه ڪم ڪرڻ ت
دل ئي ڪونه ٿيندي هئي، ايتري قدر جو ڪاليج جو ڪتاب به
کڻڻ نه وڻندو هو.''

''... ۽ ان کان پوءِ.....'' ڊاڪٽر شرما کيس وٺائيندي چ
''.... پوءِ ته پائوچن جو تعداد ويو وڌندو هڪ مان ٻه، ٻن م

(٣) ”چانديءَ جي ٿالهي“

جڏهن به مندر ۾ وڃڻ ٿيندو هو ته هوُ اڪثر مندر کان ٻاهر رستي جي ٻيءَ طرف وينل نظر ايندو هو، چاهي پوءِ صبوح جي ويل هجي چاهي شام جي يا رات جي. ٻڌڻ ۾ ايندو هو ته هوُ سڄي رات به اُتي ئي سمهندو هو، چاهي پوءِ سيارو هجي يا اونهارو، منجهند جي تکي اُس هجي يا شام جي ٿڌي چانو. عمر جي لحاظ کان پيڙهو لڳندو هو، وار اٽيا ڳنڍيون ٻڌل، ڏاڙهي اڇي ڇاتيءَ تائين وڌيل، ڇيلهه تي ڪاري ڳوڏ ۽ ان جي مٿان ڳنڊو ميرو لٽڪندڙ ڪڙتو. هوُ ڪنهن کان به ڪجهه به گهرندو ڪونه هو، بس چپ چاپ وينو هوندو هو. مندر مان درشن ڪري نڪرندڙ ڀڳت سندس جهوليءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه وجهي ڇڏيندا هئا. ڪي ٻچيل پرساد ڏيندا هيس ته ڪي روڪ ناڻو به سندس جي اڳيان اُڇلائي ڇڏيندا هئا. سڀ کيس ٻکاري بابا ڪري سڏيندا هئا. هوُ ڪٿان آيو هو يا ڪٿي رهندو هو تنهن جي ڪنهن کي به ڄاڻ ڪونه هئي.

هڪڙي ڏينهن هڪ سيٺ مندر ۾ درشن ۽ پوڄا ڪرڻ آيو. گايتري ڀڳيه ۽ هَوَنُ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هوُ پوڄا جي ٿالهي کڻي ٻاهر آيو ته هن ٻکاري بابا کي وينل ڏٺو. کيس مٿائنس ديا اَچي ويئي ۽ اتيننت ديا ڀاوَ جي وس ٿي هن اُها پوڄا جي ٿالهي پرساد سميت ٻکاري بابا کي ڏيئي ڇڏي. پوڄا جي ٿالهي نج چانديءَ جي هئي ۽ ڪافي قيمتي هئي. بينل ماڻهو اِهو ڏسي سيٺ جي ديا ڀاوَ جي واهه واهه ڪرڻ لڳا. سيٺ ته هليو ويو ليڪن ماڻهن جو ميڙ ٻکاري بابا جي چوڌاري مڙي ويو ۽ سڀ ٻکاري بابا کي وڏو ڀاڳيوان سمجهڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن ٻکاري بابا ته اُتيئي وينو رهيو ، ليڪن مندر ۾ ايندڙ ڀڳتن جي رويي ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويو. هوُ پاڻ ۾ سُس پُس ڪرڻ لڳا ته ڪالهه سيٺ کيس هيڏو قيمتي مال ڏنو هو، اُن کان پوءِ به هوُ وينو بيکه پني. ڀڳتن کي هن لاءِ اڳه ۾ جو ديا ڀاو هيو ، سو گهٽجي ويو ۽ هوُ کيس درڪنار(Ignore) ڪرڻ لڳا. هاڻي سندس جهوليءَ ۾ نه ته ڪو پرساد ٿي پيو ۽ نه ئي ڪنهن کيس پيسو ڏوڪڙ ٿي ڏنو.

’’.......... سزا اِها ٿيندي تہ ڳتڪو نہ ڪائڻ ڪري جڏ
جڏهن توکي ڳهتن محسوس ٿيندي يا بيقراري محسوس ٿيندي
اُها ڳُهتن ۽ اُها بيقراري تون خوشيءَ سزا سمجهي سه
رهندين. جڏهن سزا جو معياد پورو ٿيندو تہ تون پاڻ ئي محس
ڪندين تہ تون اِن بلا کان مڪت ٿي چڪو آهين.‘‘
ڊاڪٽر جي هن صلاح هريش تي ڪيترو اثر ڪيو سا تہ
ڪونهي، ليڪن ٻي ڏينهن کان هن ڪاليج وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو

❖❖❖❖

پوليس جا ٻه چار ڇهبوڪ لڳندءِ ته پاڻ ئي سچ ٻولي ويهندين....“ ۽ سيٺ ٽيليفون ڪري ٿاڻي تان دروغا صاحب کي گهرائي ورتو.

دروغا صاحب آيو ته سيٺ کيس پنهنجي اندرين ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي هنن ڇا ڳالهايو تنهنجي خبر پئجي ڪونه سگهي، ليڪن ٻاهر ايندي ئي دروغا صاحب بڪاري بابا کي ڌمڪائيندي چيو، ”سچ ٻڌاءِ هيءَ ٿالهي ڪٿان چورائي آيو آهين.... نه ٻڌائيندين ته لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيندوسانءِ.......“

بڪاري بابا وري ٻه ڏڄندي ڏڄندي چيو، ”صاحب ! مان بلڪل ئي سچ ٿو چوان ته هيءَ ٿالهي سيٺ صاحب مونکي مندر جي ٻاهران ڏني هئي..........“

”........ ته پوءِ سيٺ جو نالو ٻڌاءِ.... اسان وٽي ان کان پڇا ڪنداسين، جي ڪوڙ نڪتو ته جيل جي سزا ملندءِ.... ٻڌي ڇڏ.“

بڪاري بابا هراسجي ويو، چيائين ”مونکي سيٺ جي نالي جي ڇا خبر.... مان ته مندر جي ٻاهران وينو هوس جو هن پاڻ ئي اچي مونکي هيءَ ٿالهي ڏني......“

”ڪوڙ .... بلڪل ئي ڪوڙ...........“ چوندي چوندي دروغا صاحب هن کي سندس ڳل تي ٻه چار چماٽون هڻي ڪڍيون.

بڪاري بابا محسوس ڪيو ته هو ٻري طرح ڦاسجي ويو هو. هو ڪيترو به سچ چوي، هو ڪڏهن به هن جي چئي تي اعتبار نه ڪندو انڪري هن اِهو فيصلو ڪيو ته جلد ئي هتان جند ڇڏائي ڀڄي وڃي، اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني. جڏهن دوڪان جو سيٺ ۽ دروغا صاحب پاڻ ۾ ئي ڳالهائي رهيا هئا، ته وجهه وٺي بڪاري بابا اُتان ڀڄي نڪتو.

بڪاري بابا جي هلي وڃڻ تي هو ٻئي ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳا. سيٺ چيو، ”ڏٺو نه، ڪيئن بيوقوف بڻايومانس... هليو آهي چانديءَ جي ٿالهي وٺڻ.......“

دروغا صاحب به کلندي چيو، ”پوليس جي دٻاءَ کان سواءِ هو بيچارو ڪونه ڀڄي وڃي ها... هاڻي ڪڍ منهنجو اڌ حصو ته مان ڊيوٽي تي وڃان.......“

(سنڌو مشعال 2014)

◇◇◇◇

ٻه چار ڏينهن اِئين ٿيندو رهيو ته بکاري بابا سمجهي ويو
ان ڦير بدل جو ڪارڻ اُهائي چانديءَ جي ٿالهي هئي جا ڪيس سي
وٽان ملي هئي. اِهو خيال ايندي ئي هن سوچيو ته اُها چاندي ج
ٿالهي وڪڻي ڇڏي ۽ ان جي عيوض جو ڏن ڪيس ملي ان مان رهڻ
ڪا ننڍڙي جهوپڙي ٺهرائي وٺي.

اِهو خيال ايندي ئي هُو هڪ جوهريءَ جي دوڪان تي اچي پ
۽ کيس چانديءَ جي ٿالهي ڏيکاريندي چيو، ”سيٺ جي مان ه
ٿالهي وڪڻڻ ٿو چاهيان، ٻڌايو ته هن ٿالهيءَ جو ڪيترو ملندو؟“

چانديءَ جي اهڙي وڏي ۽ قيمتي ٿالهي هڪ بکاريءَ جي ه
۾ ڏسي جوهري وائڙوتي ويو. هُو بکاري بابا کي گهوري ڏسڻ لڳو ڇ
کيس پنهنجي اکين تي اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو ته هڪ بکاري
ٿالهيءَ جو مالڪ ٿي ٿي سگهيو.

بکاري بابا بي صبر ٿي پڇڻ لڳو، ”ٻڌايو ته ڪيترو ملن
اصل چانديءَ جي آهي.“

سيٺ شرارتي نگاهن سان ڏانهنس نهاريندي پڇيو، ”
ٻڌاءِ ... ڪٿان چوري ڪري آيو آهين؟“

بکاري بابا کان ڇڻ ته ڇرڪ نڪري ويو، چيائين، ”سيٺ ج
توهين هي ڇا پيا چئو.. مان چور ناهيان.... نه ئي ڪو چوريءَ جو
آندو اٿم........“

سيٺ کيس وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو، ”........ ته پوءِ سچ
ته جيڪڏهن تو چوري نه ڪئي آهي ته هيءَ ٿالهي تو وٽ ڪ
پهتي؟ تون ڇا چانديءَ جو واپار ڪندو آهين؟“

بکاري بابا جواب ڏنو، ”هيءَ ته مونکي سيٺ ڏني هئي
پنهنجو پاڻ.... جڏهن مان مندر جي ٻاهر ويٺو هوس.........
بلڪل سچ ٿو چوان..........“

”.. هل ڪوڙا !.. ڪوئي چانديءَ جون ٿالهيون ٻه وراه
آهي ڇا........؟ جو توکي سيٺ ڏيئي ڇڏي.........“ سيٺ چيو.

بکاري بابا هڪو ٻڪو ٿي تعجب مان سيٺ ڏانهن نهارڻ
تڏهن سيٺ چيو، ”اجهو ٿي سچ ۽ ڪوڙ جي خبر پئجي وڃ

ستان ڪيس ڪيو جو ڪيترا سال هلندو رهيو. مون ٻڌو هو تہ هن مندر
ڄي ديوتا جي پوڄا ڪرڻ سان من جون آشائون پوريون ٿينديون آهن.
ڏهن مون اچي هن مندر ۾ ڀڳوان جي اڳيان پرارٿنا ڪئي هئي تہ
جيڪڏهن اسان ڪيس ڪٽيو تہ مان روز هت اچي ديپ جلائي پوڄا
ڪندس. آخر ۾ اسان جي ئي جيت ٿي ۽ اسان ڪيس ڪٽيو، جو تہ پيسا
ارائي اسان ڪيت جو رڪارڊ پنهنجي نالي ڪري ڇڏيو هو. اِنهيءَ
ڪري ڪيل انجام موجب مان روز هت ايندو آهيان ۽ ديپ جلائي پوڄا
ڪندو آهيان.''

پنڊت جي تعجب مان ڏانهنس نهارڻ لڳو ڇڻ تہ ڪيس هن
ڪهاڻيءَ تي اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو. هو بس ايترو ئي پڇي سگهيو،
''اِئين ڪيئن ٿيندو؟ ڀڳوان ڪيئن اوهان جي غير قانوني ۽ بي
ايمانيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪندو؟''

''اِهو تہ اوهين ڀڳوان کان ئي پڇي سگهو ٿا.'' ۽ اِئين چئي هو
شخص مندر مان ٻاهر نڪري ويو.

پنڊت اواڪ بڻجي ڏانهس نهاريندو رهيو ۽ سندس مک مان
نڪتو -''گهور ڪلجڳ اَچي ويو!''

✧✧✧✧

(۴) ”گهور ڪلجڳ“

ڪيترن ئي ڏينهن کان هوُ روز مندر ۾ ايندو هو. اَندر گهڙ
اَچي ديوتا کي وڏي صدق سان پرڻام ڪندو هو، گل چاڙهيندو هو ۽
ديپ جلائي ۽ اگربتي ٻاري واس ڏيندو هو ۽ منٿ ۾ چپ ڪري ه
جوڙي من ئي من ۾ ڪا پرارٿنا ڪندو هو ۽ ان بعد غائب ٿي ويندو

مندر جي پنڊت کي هي شخص ڪجهه نئون نئون لڳو ڇو ته
مندر ۾ ايندڙ سيني کي سڃاڻندو هو. جنهن شردا، پريم ۽ نيم سان
اَچي پوڄا ڪندو هو، سا اڄ جي زماني ۾ اڻلڀ هئي. پنڊت کان ر
نه ويو. هڪ ڏينهن جڏهن هوُ پوڄا ڪري واپس وڃي رهيو هو ته پنڊ
جيءَ کيس روڪي پڇي ورتو، ”تنهنجي پوڄا ڏسي مان بيحد خو
ٿيو آهيان. جنهن پريم ۽ شردا سان تون روز اچي پوڄا ڪندو آهين،
لاشڪ ئي ساراهه جوڳي آهي ۽ اُن جو ڦل اوس توکي ملندو.“

”نه... نه.. “ هن مشڪندي چيو، ”اوهين ڀل ٿا ڪريو..
ڇا ڄاڻان ته پريم ۽ شردا ڇا ٿيندي آهي... مان ته بس کو
انجام پاڙي رهيو آهيان......“

پنڊت جي هُن جو اِهو جواب ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ سو
اکين سان ڏانهنس نهاريندي پڇيو، ”ڪهڙو انجام؟ ڇا
انجام؟؟“

هن شخص وري به مشڪندي چيو، ”اوهين ڄاڻڻ ٿا چاه
ته ٻڌو.“ پوءِ ٿورو دم پٽيندي هن چيو، ”اسان جي کيت جي پر
کيت هري پائيءَ جو آهي، بلڪل ئي اُپجائو ۽ هريو ڀريو. اسان ڪي
به ڪوشش ڪرڻ تي پنهنجي کيت کي سڌاري نه سگهياسين، انڪ
اسانجون اکيون هميشه هري پائيءَ جي کيت ۾ لڳل هونديون ه
هڪ دفعي جڏهن هوُ ڪنهن ڪم سانگي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر هلي
ته اسان موقعو وٺي سندس کيت تي قبضو ڪري ورتو. موٽي اچ
هري پائيءَ گهڻو ئي چلايو ۽ پڪاريو، ليڪن کيت ته اسين
موٽائي ڏيڻ وارا ڪونه هئاسين. نيٺ هن ڪورٽ ۾ وڃي اسان

رما جو گهر اسانجي گهر کان پري ڪونہ هو. اويل سويل مان سندس گهر
پيئي ايندي ويندي هيس.
رما جو هڪ ڀاءُ بہ هو، رميش. جڏهن مان پهريون دفعو رما جي
گهر ويئي هيس تہ رما ساڻس منهنجي واقفيت ڪرائي هئي. هن هٿ
وڌائي مون سان نمستي تہ ڪئي هئي، ليڪن ڪيتري دير تائين هوُ
مونکي اِئين يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو جڻ تہ مان مکڻ جو چاٺو هيس
جنهن کي هن هڪ ئي ڳيت ۾ ڳهي وڃڻ ٿي چاهيو. مون ڏانهس ڪوبہ
ڌيان ڪونہ ڏنو هو ۽ تہ ئي پوءِ ڪڏهن منجهس ڪا دلچسپي پيدا ٿي.
رما بس ايترو ئي ٻڌايو هو تہ هوُ گهروارن جو لاڏلو پٽ هو. پڙهڻ ڪرڻ
۾ تہ ڪو چاهہ هيس ڪونہ، انڪري پوري مئٽرڪ بہ پاس نہ ڪري
سگهيو. پٽس دوڪان تي اچي ويهڻ لاءِ چيس تہ اُهو بہ ڪونہ مڃيائين.
سڄو وقت پنهنجن يارن ۽ دوستن سان گڏ پيو گهمندو هو. رات جو بہ
ڪيتري دير کان پوءِ گهر ۾ قدم رکندو هو. پٽس ڪڏهن ڪجهہ چوندو
هوس تہ ماڻس ڏڪ ٻڌي سندس بچاءُ ڪري وٺندي هئي، هڪڙو
ئي سڪيلڌو پٽ جو هو! اِئين تہ هو رما کان چار سال وڏو هو ليڪن
سندس بد افعالن جي ڪري ماڻس ۽ پٽس سندس شاديءَ ۾ دلچسپي
ڪونہ ٿي ورتي، ۽ اِئين ئي هو اڙٻنگ جو اڙٻنگ رهجي ويو.
هڪ دفعي مان رما سان ملڻ سندس گهر ويئي هيس تہ دروازي
تي رميش گڏجي ويو. منهنجي پڇڻ تي تہ رما گهر ۾ هئي يا نہ، تہ
رميش ان جو جواب نہ ڏيئي مونکي اندر اچڻ لاءِ چيو. مان هميشہ
وانگر ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس، ليڪن رما ڪونہ آئي. جڏهن مون
رميش کان رما لاءِ وري پڇيو، تڏهن هن ٻڌايو تہ رما مميءَ ۽ پپا سان
ڪيڏانهن ويل هئي. مونکي رميش جي هيءَ حرڪت ٺيڪ نہ لڳي جو
جيڪڏهن هوُ مونکي ٻاهر ئي ٻڌائي ها تہ مان اندر ئي ڪونہ اچان ها.
مون جڏهن وڃڻ لاءِ اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هوُ پرسان اچي ويٺو
ٻڌائين، ”تڪڙ ڪهڙي آهي، بہ منٽ ويهہ تہ سهين، مون کي
توسان خاص ڳالهہ ڪرڻي آهي.“
مان تعجب ۾ پئجي ويس تہ جڏهن منهنجو ساڻس ڪو وهنوار

(۵) ''زندگيءَ جي قيمت''

ڀڳوان جي رچيل سرشٽيءَ ۾ انسان کي سڀ کان سريش
ڪري مڃيو ويو آهي، ليڪن اِنسان هڪ ڏينهن وحشي بڻجي پوندو
لاءِ تہ خود ڀڳوان بہ ڪونہ سوچيو هوندو. پنهنجي خود جي نـ
چاهت جي پوري ٿيڻ لاءِ انسان ٻين جي چاهت جو بي رحميءَ
خون ڪري ڇڏيندو ۽ پنهنجا سپنا ساڪار ڪرڻ لاءِ هو ٻين جي سپ
کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندو، اِهو ڪنهن بہ ڪونہ سوچيو هوندو.
انسان ايتري قدر وحشي بڻجي چڪو آهي جو جيڪڏهن هو ڪن
جهنگل ۾ هليو وڃي تہ شايد جهنگل جا جانور بہ ڊپ کان دوُر ڀ
وڃن!

منهنجو آخر ڏوهہ ئي ڇا هو جو مونکي هيءَ نہ سهڻ جهڙي
ملي؟ شايد اِهو ئي ڏوهہ هو تہ مون هڪ چاهت کي جنم ڏنو هو.
مڪمل پڙهائي ڪري ڪنهن اوچي پد تي آفيسر بڻجي پنهن
جيون ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي جيون سکي ڪرڻ ٿي چاهي. مون من
من ۾ هڪ سپنو سجايو هو تہ غريبيءَ ۽ مفلسيءَ جا ڏينهن پورا ڪ
هڪ ڏينهن سک ڀري زندگي گذاريندا سين. ليڪن سڀ برباد ٿي
سپنو سراپ بڻجي ويو ! هڪ اهڙو وحشي جانور منهنجي جيون ۾ ا
ويو جنهن منهنجي جيون کي تهس نهس ڪري ڇڏيو !

ڪاليج ۾ پهريون ئي سال هو. نوان نوان دوست ۽ نيون ن
ساهيڙيون خود بہ خود بڻجي ويندا آهن. منهنجي بہ گهڻن سان
واقفيت ٿي وئي. اُنهن مان هڪڙي ساهيڙي هئي رما، جا منهن
ڀرسان هڪ ئي بينچ تي مون سان گڏ ويهندي هئي. ٿوري ئي وق
اسان جي گهرائپ ايترو تہ وڌي وئي جو اسين هڪ ٻئي جا ه
بڻجي پياسين.

اسانجو ڪاليج ۾ اچڻ وڃڻ، اُٿڻ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ گڏ
ٿيندو هو. ڪيترائي اڻواقف شاگرد اسان کي سڳيون ڀينر ڪ
سمجهندا هئا. پنهنجائپ وڌي تہ گهر ۾ اچڻ وڃڻ بہ شروع ٿي

ڪونہ ڏنو هو. ان وقت بس اسٽئنڊ تي ٻيو ڪوبہ مسافر بيٺل ڪونہ هو.
رف مان اڪيلي هيس. هوُ ٽيئي منهنجي پٺيان اچي بيٺا ۽ ٺهہ ٺهہ
ڪري کلڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ ئي ڳالهائيندا رهيا. هڪ چٽي چيو، ''ايڏو
رور....'' تہ ٻئي وڏي واڪي وراڻيو، ''حسن آهي تہ غرور بہ
يندو.....'' اهڙي طرح هوُ بڪ شڪ ڪندا رهيا. مون جڏهن اعتراض
ڪنائيندي ڏانهن شوڪي نهاريو تہ رميش جي ٻنهي دوستن
منهنجون ٻئي ٻانهون جهلي ورتيون ۽ رميش پنهنجي پئنٽ جي
يسي مان هڪ بوتل ڪڍي منهنجي منهن تي اوتڻ شروع ڪري
ڏي. بس، هڪ منٽ جو کيل هو. مون کي لڳو تہ منهنجو ماس جلي
هيو هو. مان جيستائين چلائي واڪا ڪريان ان کان اڳہ هوُ ٽيئي ڇٽا
رار ٿي ويا. تيزاب جي تيز اثر سبب منهنجي پوري بدن ۾ جنسي
هہ بري رهي هئي. مان جڻ تہ چتا ۾ جيئري جلي رهي هيس.
نهنجي رڙين تي ڪير آيا ۽ ڪيئن مان اسپتال پهچي ويس،
هنجي مونکي ڪجهہ بہ ڄاڻ يا سڌ ڪونهي. ها، اِهو ياد آهي تہ
سپتال ۾ بيحد پيڙا سبب ڪيئن رڙيون واڪا ڪري سيني کي
يشان ڪندي هيس.

علاج پوري ٿيڻ کان پوءِ پهريون دفعو جڏهن مان آئيني جي
مهون اچي بيٺس تہ مان پاڻ کي سڃاڻي بہ ڪونہ سگهيس. چهري
ساڄو پاسو بلڪل ئي ڪاراڻجي ويو هو جڻ تہ ڪنهن هوليءَ جو
ارو رنگ ٿڦي ڇڏيو هجي. اکين جا ڇپر جلي چڪا هئا، اڏ مٽي
ين وار گم ٿي چڪا هئا ۽ ان جي جڳهہ تي ڪاري چمڙي تي ڏسڻ
آئي. نڪ جي گولائي ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻي صرف بہ ناسون
ڏسڻ ۾ آيون ۽ ٻئي ڪن ڪنهن سڙيل ڪل جيان لٽڪي رهيا هئا.
اَلائي ڪيئن پنهنجي اکين کي ڏکي ورتو هو نہ تہ اڄ مان
صورت هجڻ کان سواءِ انڌي بہ هجان ها. ننڍي هوندي اسان ڏائڻ
ڪهاڻيون پڙهندا هئاسين، مان اڄ اُن ڏائڻ وانگر لڳي رهي
س. هڪ ئي ڪن ۾ مان خوبصورت جوان ڇوڪريءَ مان بدصورت
عورت بڻجي ويس. مون کي خود ئي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي.

ئي ڪونهي تہ ڪهڙي خاص ڳالهہ هن مون سان ڪرڻ تي چاهي ! ما
ڪجھ جواب ڏيان، ان کان اڳ ۾ هن منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿ
۾ جلهي ورتا ۽ منهنجي اکين ۾ نهاري چوڻ لڳو، ''مان توکي بيحد
چاهيان ٿو، تون مون سان شادي ڪر......'' مون پنهنجي هٿن ک
سندس هٿن مان جهٽڪو ڏيئي الڳ ڪري ورتو جڻ تہ ڪنهن وڇون ۽
ڪنهن نانگ ڏنگيو هجي. مان صوفا تان اُٿي تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪر
آيس ۽ کيس ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

مان دل ئي دل ۾ اُبرجي رهي هيس تہ رميش ڪهڙي
بيهودي حرڪت مونسان ڪئي هئي. مون هيءَ ڳالهہ رما کي بہ ڪ
ٻڌائي جو مون ڄاتو ٿي تہ اِها ڳالهہ ٻڌي هوءَ بيحد دکي ٿئي ها.

مون ان حادثي کي بلڪل ئي وساري ڇڏيو اِئين جيئن ڪڏهن
اوچتو ڪو برسات جو وسڪارو ٿي وڃي ۽ وري سانت ٿي وڃي. اَلب
مون رما جي گهر وڃڻ گهٽائي ڇڏيو، يا جي سندس گهر ويندي
هيس تہ اِها پڪ ڪري تہ هوءَ گهر ۾ آهي يا تہ ساڻس گڏ ئي ه
ويندي هيس.

اسانجي پڙهائي چالو هئي ۽ امتحان بہ ٿي چڪا هئا جو
ڏينهن منهنجي موبائيل تي ميسيج آيو - آءِ لو يو ميري مچ... پ
مئري مي (مان توکي بيحد چاهيان ٿو.. مون سان شادي ڪر....)
رميش وٽان آيل ميسيج هو. شايد منهنجو موبائيل نمبر رما
موبائيل تان چوري ڪيو هونداﺋين. هن دفعي بہ مون چپ رهڻ
بيحد سياٽپ پريو سمجهيو ۽ کيس ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. ڪجھ
ڏينهن گذريا هوندا جو رميش جو وري ميسيج آيو جنهن ۾
منهنجو ترت جواب ٿي گُهريو، ها يا نہ ۽ ان طرح بہ ٿي ڏينهن سا
اهڙو ميسيج اچڻ لڳو.

آخر مون فيصلو ڪيو تہ هيءَ سموري ڳالهہ مان رما سان ڪ
تہ ٺيڪ ٿيندو. اِهو سوچي مان ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿي بس اسٽئن
اَچي بيٺس ۽ بس جو اِنتظار ڪرڻ لڳس جو ايتري ۾ رميش مون
وڌندو نظر آيو . ساڻس گڏ ٻيا بہ ٻہ دوست هئا جن کي مون ڪڏه

هونديون جن مثان هن قسم جو اتياچار تي رهيو آهي. ليڪن سماج چپ آهي، سرڪار چپ آهي ۽ انسان پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن سبب وڏيڪ ۽ وڏيڪ وحشي بڻجي رهيو آهي.

بدو اتم ته سپريم ڪورٽ فتوا ڏني آهي ته تيزاب جي وڪري تي روڪ لڳائي وڃي ۽ تيزاب جي مظلوم کي عيوضي ۾ ٽي لک روپيا ڏنا وڃن. ڪيڏي نه ڪنور مذاق آهي ! ڪنهن بي گناهه جي زندگيءَ جي قيمت صرف ٽي لک روپيه !!

❖❖❖❖

مون گهڻو ئي رنو پٽيو ۽ درن سان مٿو ٽڪرايو ليڪن ڪجهه به بدل
نه سگهيو. هڪ وحشي درندي منهنجي هستي ئي وڃائي ڇڏي.

آهي ته جسماني پيڙا سهڻ به مشڪل، ليڪن ان کان به وڌ
بدتر ۽ ڀيانڪ ٿيندي آهي من جي پيڙا جڏهن انسان پاڻ کي اڪ
ئي اڪيلو محسوس ڪندو آهي، جڏهن ڪوئي متر ڪونه هوندو آ
جو ٻه لفظ همدرديءَ جا چئي سگهي. منهنجا ماءُ - پيءُ اِهو ڄاڻن
ته مان بيقصور هيس، تڏهن به مون کي ئي پيا ڌڪاريندا آهن.
مائٽ ته اَڳيان به بيهڻ ئي ڪونه ڏيندا آهن، هميشه پيا نڪ مو
پاسو ڪندا، ڄڻ ته مان گندي بانس جي ٽوڪري هجان. يار دو
ڇڏي ويا، البت رما هڪ اهڙي آهي جا ڪڏهن اچي حال پ
ويندي آهي.

جيئڻ لاءِ ڪوته آڌار کپي، سهارو کپي. سوچيم ته ڪا نوڪ
ڪري وٺان، جيئڻ شايد ڪجهه سؤلو ٿي پوي، ليڪن هر هنڌان ۽
ڪنهن وٽان اِهو جواب مليو ته توکي ڏسي اسان جا نوڪر ئي پ
ويندا. مطلب ته هر طرف کان دتڪار ئي ملندو رهيو آهي

ڇا ڪريان، ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه ٿو اَچي. رميش، ج
مون مٿان هيڏو ظلم ڪري مون کي زنده لاش بڻائي ڇڏيو سو م
ڪن ته جيل ۾ بند هو ليڪن پنهنجي رسوخ ۽ پهچ سان اڄ هو آزاد گ
رهيو آهي، ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. ٻڌو اٿم هن جي شادي ب
ويئي آهي. مطلب ته سماج ۾ هن لاءِ ڪا به سزا ڪانهي ! هي ڪ
اِنصاف آهي؟ مان زندگيءَ جو هڪ هڪ پل گُهٽ گُهٽ ٿي ٻري
آهيان ۽ منهنجي هيءَ دردناڪ حالت بڻائڻ وارو بي پؤ ۽ بي
آزاد گهمي رهيو آهي !

هي صرف حادثو هجي ها ته جيڪر ايترو غم نه ٿئي ها، ل
هي ته سوچي سمجهي پرش جو استريءَ مٿان ڪيل اتياچار آ
استريءَ کي پل ته اُهو اڳه وارو ديويءَ جو درجو نه ڏنو وڃي ل
هڪجهڙي حق کان به محروم ڪيو وڃي، اِهو ڪٿان جو اِنصاف آ
اڄ مون جهڙيون ڪيتريون ئي نردوش ڪنيائون ۽ ابلا است

چاڪاڻ تہ ڳوٺڙيءَ ۾ ڪوبہ ڪمائيءَ جو ساڌن ڪونہ هو. اِئين سمجھہ تہ روز آڻ ۽ چاڙهہ واري ڪار هئي. منهنجو پڙهڻ سان بيحد شونق هو، ليڪن منهنجي پيءُ وٽ هڪ ڪاري پائي بہ بچيل ڪونہ هئي جو منهنجي پڙهائيءَ تي خرچ ڪري سگهي. انڪري مان شهر مان ننڍيون ننڍيون شيون خريد ڪري ايندو هوس ۽ ڳوٺ جي گهر گهر ۾ وڃي وڪڻي ايندو هوس. اِنهيءَ وڪري مان جا اُپت ٿيندي هئي ان مان منهنجي پڙهائيءَ جو خرچ نڪري ايندو هو. ''

ٿورو وقت رڪجڻ کان پوءِ ڊاڪٽر سريش چيو، ''هڪ دفعي مونکي امتحان ۾ ويهڻ لاءِ في ڀرڻي هئي. مان وڏي اُتساهہ سان وڃي در در تي دستڪ ڏني ليڪن وريو ڪجھہ بہ ڪونہ. منهنجون آندل شيون ڪوبہ وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. پنڌ ڪري ڪري مان بيحد ٿڪجي پيس. هڪ ٿڪاوٽ، مٿان وري بک بہ اچي پريشان ڪرڻ لڳي. مان رستو تي پيس ۽ اِئين پئي لڳو تہ اِجهو ٿو ڪران ۽ اِجهو ٿو منهنجو ساهہ نڪري. وڏي مشڪل سان قدم قدم کڻندو اَچي هڪ گهر جي ٻاهران پهتس. گهر جو دروازو هڪ نينگر اَچي کوليو. منهنجي بدحال چهري جي گم ٿيندڙ رنگت ڏسي هوءَ جهٽ سمجھي ويئي ۽ اندر اچي مون لاءِ کير جو گلاس ڀري کڻي آئي جو مون ڳٽ ڳٽ ڪري جهٽ پي ڇڏيو. اُهو کير جو گلاس جڻ مون لاءِ امرت جو گلاس ثابت ٿيو. منهنجي بي چئني ۽ ٿڪاوٽ دور ٿي ويئي. مون نينگر کي کير جا پيسا ڏيڻ چاهيا، ليڪن هن انڪار ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن مان اِئين محسوس ڪندو آهيان تہ مان ان کير جي گلاس ڪري ئي شايد جيئرو آهيان. جيڪڏهن اُن ڏينهن اِهو کير جو گلاس نہ ملي ها تہ مون کي ڪجھہ بہ ٿي سگهي ها....'' چوندي چوندي ڊاڪٽر وري چپ ٿي ويو.

آشا پڇيو، ''ليڪن اِها گهٽنا اوهان کي اڄ ئي ڇو ياد اچي ٿي... کير جو گلاس تہ مان روز ئي اوهان کي اَچي ڏيندي آهيان....''

ڊاڪٽر سريش مشڪندي چيو، ''ڪجھہ ڏينهن اڳ، مان جڏهن اسپتال ۾ هوس تہ ڊاڪٽر ستيش اچي ٻڌايو تہ ميان ان ڳوٺڙي جي اسپتال مان هڪ سيريس ڪيس آيو آهي جنهنجو

(٦)”کير جو گلاس“

ڊاڪٽر سريش شهر جو هڪ مشهور سرجن آهي. دماغي بيمار
جو خاص ڄاڻو ۽ ماهر ڪري مڃيو ويندو آهي. سندس ساک پري پ
تائين پکڙيل آهي. شهر جا ڏکئي ۾ ڏکيا ڪيس هن وٽ ايندا آه
ڪيترائي ڊاڪٽر سندس رايو وٺي آپريشن ڪندا آهن.

اڄ اسپتال وڃڻ لاءِ ڊاڪٽر سريش جڏهن نهي سنيري ۽ نا
ڪري اُٿڻ وارو هو ته آشا کير جو گلاس آڻي سندس آڏو رکيو. گل
ڏسندي ئي ڊاڪٽر کان ڪِلَ نڪري وئي. آشا سمجهيو ته ڪائنس ڪا
ٿي وئي هوندي، انڪري سوالي نگاهن سان ڊاڪٽر سريش ڏان
نهارڻ لڳي. کير جو گلاس ته هوءَ روز آڻي سندس سامهون رکندي آه
پوءِ اڄ هن طرح ڪِلَ اچڻ جو ڇا ڪارڻ ٿي ٿي سگهيو؟ ڊاڪٽر سر
اڃا به جڏهن کلندو رهيو ته آشا بي چئن ٿي ڪائنس پڇيو، ”توه
هن طرح ڇو کلي رهيا آهيو؟ مون کان ڪا ڀُلَ ته ڪونه ٿي وئي؟

”نه... نه..... “ ڊاڪٽر چيو، ”توکان ته ڪا ڀُل ڪونه ٿي آه
ليڪن مونکي پنهنجي هڪ گذريل گهٽنا ياد اچي وئي.... ڪيڏ
عجيب اِتفاق آهي !“ ڊاڪٽر ڏکو ساهه کنيو ۽ چپ ٿي ويو.

”.. ليڪن توهان اهڙي ڪاگهٽنا ته مونکي ڪڏهن ٻڌ
ڪونهي.“ آشا حيرت انگيز آواز ۾ ڊاڪٽر کان پڇيو.

”.......... هيءَ ڳالهه اسان جي شاديءَ کان گهڻو گهڻ
جي آهي جڏهن مان اڃا ٻار هوس ۽ اسڪول ۾ پڙهندو هوس.“ ڊا
سريش چيو ۽ هوُ ماضيءَ جي يادن ۾ گم ٿي ويو.

آشا ڊاڪٽر کي ٻانهن کان ڌونڌاڙيندي پڇيو، ”پوءِ ٻڌايو
اُها ڪهڙي گهٽنا آهي جا اوهان مونکان هيل تائين لڪائي رکي
... مان ڄاڻڻ ٿي چاهيان...“ آشا جي آواز ۾ اڌيرپڻو ۽ چنچلتا
ڊاڪٽر سريش پنهنجي واچ ۾ نهاريندي چيو، ”اسين
ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين. مان، منهنجي ماءُ ۽ منهنجو پيءُ
جو نالو هيو ميان خان. اسان جي حالت بلڪل ئي سقيم هوندي

تنهنجو سمورو بل پرجي چڪو آهي... توکي زمين وڪڻڻ جي ضرورت نہ پوندي..... ۽ تون بنا ڪنهن چنتا جي پنهنجي ڳوٺ ميان خان وڃي سگهين ٿي...'' ڊاڪٽر آشا کي ٻڌايو. ''پهريائين تہ هوءَ ڪجهہ بہ سمجهي ڪانہ سگهي..... ليڪن ترت ئي سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ هن تعجب ڀرئي آواز ۾ پڇيو، توهين دينو چاچا جا پٽ آهيو؟ ليڪن مان کوبہ جواب ڏيڻ کان سواءِ ٻاهر نڪري آيس.''

آشا کي وڌيڪ پڇڻ جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿي، سندس نظرن ۾ ڊاڪٽر اجا بہ مهان بڻجي ويو.

✧✧✧✧

موکي ترت ئي آپريشن ڪرڻو پوندو. ميان خان جو نالو ٻڌندي مونکان چرڪ نڪري ويو. پنهنجي پراڻي اباڻي ڳوٺ مان ڪوئي م اچي ته من ۾ همدردي جاڳڻ قدرتي ڳالهه آهي. مان به ترت م کي ڏسڻ ويس ۽ ڏسي تعجب لڳو ته هي مريض اُهائي ساڳي نينگر جنهن ڪيترا سال اڳ مونکي ڪير جو گلاس پياري منهنجي جان بـ مونتي احسان ڪيو هو. حالانڪ ڪيس ڪافي پيچيدو هو، ليڪن سيني ڳڏجي مريض جو آپريشن ڪري ورتو ۽ سندس جان بـ ورتي.''

آشا جي هردي ۾ به ان نينگر لاءِ همدرديءَ جو درياهه ڦاٿي آشا چيو، ''جنهن اوهان جي جان بچائي، اهڙي فرشتي کي ت جيڪر گهر ۾ گهرائي پوڄا ڪرڻ چاهيندس.....''

ڊاڪٽر سريش پنهنجي مجبوري ڏيکاريندي چيو، ''آپ بعد هوش ۾ اچڻ کان پوءِ نه مريض ئي مونکي سڃاتو، نه مو کيس ڪجهه ياد ڏياريو. ڪالهه ته کيس اسپتال مان ڊسچارج به ڇڏيو آهي.''

ڪجهه دير چپ رهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر سريش چڻ ڪجهه ايندي خود ئي چيو، ''.. ليڪن ڪالهه صبوح کان ئي هوءَ پريشان هئي. اسپتال جو هيڏو وڏو بل چڪائڻ لاءِ وٽس پيسا ڪونـ مان جڏهن کيس چڪاس ڪرڻ لاءِ سندس روم ۾ ويس ته هن بي پرئي آواز ۾ چيو، ڊاڪٽر صاحب! توهان ته هيڏو وڏو آپريشن منهنجي جان بچائي ورتي، ليڪن مان ته بي وارث آهيا منهنجو ڪوبه سڳو رشتيدار ڪونهي.. ڪير منهنجي آپريشن ۽ جا بل پريندو؟ مان ته جڏهن ڳوٺ واپس وينديس تڏهن ئي بچيل زمين جو ٽڪر وڪڻي هي بل چڪائي سگهندس......''

''... ته پوءِ بل چڪائڻ بنان کيس اسپتال ڇڏڻ جي ڪيئن ملي هوندي؟'' آشا تعجب ڏيکاريندي چيو.

''تڏهن مون کيس دلداري ڏيندي چيو هو ته تون بل چ جي ڪابه چنتا نه ڪر... تنهنجي ڪير جي هڪ گلاس جي بد

ئي. مان پنهنجي ٻٽئونءَ مان ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي سندس
ن ۾ ڏيندي چيو، ''هان وٺ هي ڏهہ روپيہ، پهريائين وڃي ناشتو
ي ڪر. هوءَ سامهون پرفيڪٽ بيڪري اٿئي. ان جو ٽوسٽ کائي ۽
نهہ پي پوءِ وڃي ناديا کي هي پارسل پهچائي اچجانءِ....'' هن
ڪرادائيءَ سان منهنجي هٿن مان نوٽ ورتو ۽ خوش ٿيندو سائيڪل
ي ويندو رهيو. مون دل ئي دل ۾ پاڻ کي شاباسي ڏني تہ اڄ مون هڪ
و ۽ نيڪ ڪم ڪيو هو، هڪ غريب ۽ ڪمزور شخص جي مدد ڪئي
ي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ادبي ڪلاس ۾ ناديا مسند ملي وئي.
ن تحقيقات ڪرڻ لاءِ ڪانئس پڇيو تہ ڪيس سنڌو مشعال جو پرچو
ي ويو هوندو.

ناديا پنهنجي سُرهي ۽ سُريلي سُرَ ۾ جواب ڏنو، ''ها...ها...
تزن تہ ملي وئي ۽ پهچائڻ واري کي ڏهہ روپيہ بہ ڏيئي ڇڏيم....''

مون عجب کائيندي پڇيو، ''ڇو؟ ڇا لاءِ؟''

ناديا جواب ڏنو، ''ويچارو ٻڍو شخص صبوح کان سائيڪل هلائي
ئي ٿڪجي پيو هو.. صبوح کان ڪجهہ کاڌو بہ کونہ هئائين.. ۽ وري
ي ۾ ڪا پائي بہ کونہ هئس..... مون کي ديا اَچي وئي.. .. مون
س ڏهہ روپيا ڏنا تہ وڃي ڪجهہ کائي پيئي.....''

ناديا جو جواب ٻڌي مون کان ڪِل نڪري وئي. ناديا عجب ۾
طرف نهاري ڇڻ ڪِل جو ڪارڻ پڇڻ ٿي چاهيو. مون ٽهڪ ڏيندي
، ''اڳي سياڻا چوندا هئا تہ جتي لوڀي هجن اُتي ٺوڳي بک نہ
، ليڪن هاڻي زمانو بدلجي چڪو آهي. هاڻي اِئين ئي چوڻ ٺيڪ
و تہ جتي ديالو هجن اُتي ٺوڳي بک نہ مرن.....'' ۽ وينل سيني
ٽهڪ نڪري ويا.

پوءِ جاڻ پيئي تہ نانڪ آهوجا جي بہ ساڳي ڪهاڻي هئي.

(٧)''ديا ڌرم جا مول هئہ''

منجھند جي ماني کائي، آرام ڪرڻ لاءِ، مان پنهنج
ڪمري ۾ وڃي رهيو هوس جو ٻاهر گيٽ جي گھنٽي وڳي. مون ٻ
اچي ڏٺو تہ هڪ وچولي عمر جو شخص بيٺو هو. مون کي ڏسي هن چ
''صاحب، توهان جي لاءِ پارسل آندو آهي.'' مون جھٽ سمجھي و
تہ هو ڪوريئر سروس جو ماڻهو هو. مون پارسل پنهنجي هٿن ۾ و
ڏٺو تہ اُهو سنڌو مشعال جو ساليانو پرچو هو جو مڌيہ پرديش سن
اڪادميءَ ڀوپال کان آيل هو. مون رسيد صحي ڪري ڪيس ڏني
ڪتاب جو پارسل ورتو تہ منهنجي نظر سندس هٿن ۾ ساڳئي قسم
ٻي پارسل تي پئي جو بہ شايد سنڌو مشعال جو پرچو ٿي ڏٺو. مون اُ
مان ڏسڻ چاهيو تہ اُهو ٻيو پرچو ڪنهن ڏانهن ٿي موڪليو ويو.
ڏٺو تہ اُن تي وجيہ نگر ۾ رهندڙ اديبا ناديا مسند جي ائڊريس
هئي. مون کي مشڪندو ڏسي ڪوريئر وارو سمجھي ويو تہ مان ان
سڃاڻان، انڪري مون ڏانهن نهاري پڇيائين، ''توهين، هن
سڃاڻندا آهيو تہ پوءِ هي پارسل بہ توهان ئي وٺو ۽ ڪيس ڏجو.''
ڪوريئر واري جي هن ٻي ٽُڪي سوال تي مون کي چڙ تہ
ليڪن مون پاڻ تي قبضو رکندي چيو، ''تون ئي ڪيس پهچائي
هتان پرسان ئي تہ سندس گھر آهي.'' ۽ پوءِ مون ڪيس ناديا جي
پهچڻ جو سؤلو رستو ٻڌايو.

هو ٻي دليو پنهنجي ٻاهر بيهاريل سائيڪل طرف ويو ۽
موٽي آيو. روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين، ''صاحب، صبوح کان سائ
هلائي هلائي مان بيحد ٿڪجي پيو آهيان، ڪجھ کاڌو بہ ڪون
وري کيسي ۾ هڪ پائي بہ ڪونهي جو ڪجھ وٺي کاوان.... مهر
ڪريو... هي پارسل توهان ئي وٺي هن کي پهچائجو.....''

هُن جي ڳَهُر تہ برابر ناجائز هئي، ليڪن مونکي محسوس
تہ هو سچ چئي رهيو هو. ڏسڻ ۾ هو برابر ضعيف ۽ بيمار ٿي لڳو
مجبوريءَ کان هي پورهئي وارو ڪم ڪنيو هئائين. منهنجي دل

ساڻن انياءُ ڪيو هو ۽ پنهنجي وڏي پٽ کي وڏيڪ تي گهريو.

ڳالهه در اصل هيءَ هئي ته ديوان پريمچند رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اجا به سوني انڊي واري مرغي هو ڇو ته کيس پينشن جا هر مهيني پنجويهه هزار ملڻ وارا هئا، جي برجموهن وڃائڻ نه ٿي چاهيا ۽ وجيه موهن حاصل ڪرڻ ٿي چاهيا.

وقت جو گاڏو اِئين ئي بنان اٽڪ جي هلندو رهيو. ديوان پريمچند کي جا هر مهيني پينشن ملندي هئي، ان مان ڪجهه رقم پنهنجي خانگي ۽ شخصي ڪمن لاءِ رکي، باقي سموري رقم هو برجموهن کي يا سندس ڪنوار کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

اِئين ئي ڏسندي ڏسندي ڏهه سال ٻيا به گذري ويا. هاڻي عمارت ڍِري ٿيڻ لڳي ۽ ديوان پريمچند جي صحت به ڏرڪڻ لڳي ۽ هڪ ڏينهن اچانڪ ئي کيس دل جو دؤرو اچي پيو جنهن ڪري کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽر تپاس ڪري اِها صلاح ڏني ته پريمچند جي دل جو جلد از جلد آپريشن ڪيو وڃي، ٻيءَ حالت ۾ ڪجهه به ٿرو ٿي سگهڻ جو امڪان هو. ڊاڪٽرن کان پڇڻ تي معلوم ٿيو ته اِنهيءَ آپريشن تي لڳ ڀڳ ٻه لک روپيه خرچ ٿي سگهيا ٿي. ڊاڪٽرن چيو ته فيصلو ڪرڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي.

ديوان پريمچند اسپتال جي آءِ.سي.يو (I.C.U)روم ۾ بستري داخل هو. سندس پرسان ئي برجموهن ۽ سندس ڪنوار ديپا به وينا هئا. اوچتو ئي اوچتو ڊاڪٽر اندرگهڙي آيو ۽ مريض جي تپاس ڪرڻ کان پوءِ برجموهن ڏانهن نهاري چيو، ”مريض جي حالت جيئن پوءِ وڌيڪ ئي خراب ٿيندي ٿي وڃي. اوهان اجا تائين اِهو سوچي ڪونه ٻڌايو آهي ته مريض جي دل جي آپريشن ڪرائيندا يا نه...... سياڻي ڳالهه ڪري هيڪڏهن ڪا گهٽ وڌائي ٿي پوي ته اسپتال بلڪل ئي ذميوار ڪونه هوندي ....“ ديوان پريمچند هي سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هو ليڪن ڪجهه ڳالهائي نه ٿي سگهيو.

ڊاڪٽر جي ان سوال تي برجموهن پنهنجي استري ديپا طرف

(٨) ''حساب ڪتاب''

ديوان پريمچند هڪ ڪامياب سرڪاري آفيسر هو. سـ
سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ساک نہ صرف واپاري طبقن ۾
سرڪاري حلقن ۾ پڻ جتي ڪتي پکڙيل هئي. سندس پتني گهڻا سا
ڪنهن ڪُهني روڳ سبب پرلوڪ پڌاري هئي، جنهن سبب
پنهنجي وڏي پٽ برجموهن سان ئي گڏ رهندو ٿي آيو.

سٺ سال گذرڻ ۾ وقت ئي ڪيترو ٿو لڳي؟ ديوان پريمچند
عمر جا بہ سٺ سال پورا ٿيڻ وارا هئا ۽ هوُ جلد ئي پنهنجي پد
رٽائر ٿيڻ وارو هو. هن جي رٽائر ٿيڻ کان اڳ ئي سندس ٻن پ
وواد شروع ٿي ويو تہ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پريمچند ڪهڙي پٽ سا
رهندو. وڏي پٽ برجموهن جو چوڻ هو تہ دادا هميشہ مون سا
رهيو آهي ۽ هنن ئي سندس شيوا پئي ڪئي آهي، ان ڪري
ٿيڻ کان پوءِ بہ هوُ هنن سان گڏ رهي. ننڍي پٽ وجيہ موهن جو
هو تہ هنن دادا جي بلڪل ئي شيوا نہ ڪئي آهي، انڪري رٽائـ
کان پوءِ هن جي شيوا ڪرڻ جو موقعو کين ئي ملڻ گهرجي. ٻنهـ
زالن جي پڻ ان ڳالهہ تان چڪتاڻ پئي هلي.

فيصلو آخر ديوان پريمچند کي ئي ڪرڻو پيو. سندس چـ
تہ هوُ ياعمر برجموهن سان گڏ پئي رهيو آهي ۽ اُن جي ٻارن کي
کيڏايو ڪُڏايو آهي. هاڻي اُنهن کي ڇڏي وجيہ موهن وٽ وڃي
هن لاءِ ڏکيو ٿيندو. ان کان سواءِ هن جا سڀ يار دوست بہ اِتي پ
ئي آهن، جن کي ڇڏي وجيہ وٽ بمبئيءَ جهڙي وڏي شهر ۾
نوان دوست بڻائي سو بہ کيس مشڪل ٿي لڳو. هونءَ بہ بمبئي
بمبئيءَ جي گوڙ شور واري حياتي لاءِ هن جي من ۾ ذڪار
انڪري ديوان پريمچند فيصلو ڪيو تہ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هوُ پنـ
وڏي پٽ برجموهن سان ئي گڏ رهندو.

پيءُ جو هي فيصلو ٻُڌي وجيہ موهن ۽ سندس ڪنوار ماي
ويا ۽ ڪاوڙجي ممبئي واپس هليا ويا. ويندي وقت چوندا ويا

اِهو ئي ٿيو ته پينشن ملڻ جي لوپ ڪري ئي هو سندس آپريشن ڪرائڻ لاءِ تيار ٿيا هئا. جيڪڏهن ڪيس پينشن نه ملندي هجي ها يا ايتري نه هجي ها ته شايد سندس آپريشن ڪونه ٿي سگهي ها.

آپريشن جي تياري ڪري ڊاڪٽر ۽ نرسون جڏهن ديوان پريمچند کي سٽريچر تي کڻي آيا ته ڊاڪٽر جي منهن مان چيخ نڪري ويئي. هن نرس کي چيو، ''مريض کي هاڻي آپريشن جي ڪا به ضرورت ڪانهي.''

برجموهن ۽ ديپا ڏسندي رهجي ويا ۽ عجب مان سندس وات ڦاٽي ويا.

(ڇپيل: سنڌو 2014)

◇◇◇◇

نهاريو چڻ ته ڪائنس پڇيائين تي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ديپا جڏهن ڪو به جواب ڪونه ڏنو ته برجموهن ڊاڪٽر سوال ڪيو، ''ڊاڪٽر صاحب، اِهو ته ٻڌايو ته آپريشن ڪرڻ سان مر کي ڪيترو آرام پهچي سگهندو؟''

ڊاڪٽر چيو، ''پائي ائين ته ڪجهه به چوڻ مشڪل آهي، ته حياتيءَ تي ڪو ڀروسو ته تي نه ٿو سگهي ۽ مريض جي وڏيل عم ڪو سٽائو اهڃاڻ ڪونهي، تڏهن به مان سمجهان ٿو ته آپريشن ڪ سان مريض کي نئين حياتي ملي سگهي ٿي ۽ ايندڙ چار پنج سا ٻي اوني جيئي سگهي ٿو. توهين پنهنجو آخرين ويچار ٻڌايو، ان پوءِ ئي آپريشن جو بندوبست ڪري سگهبو.''

برجموهن اجا به منجهيل ٿي ڏٺو. هن وري به ديپا طرف ن ۽ ان وٽان ڪو به جواب نه ملڻ ڪان اڳ ڊاڪٽر ڏانهن مخاطب چيو، ''ڊاڪٽر صاحب، توهين آپريشن جي تياري ڪريو، اسين آهيون.......''

ڊاڪٽر جڏهن روم مان ٻاهر نڪري ويو ته ديپا تڪي آ برجموهن کي چيو، ''توهين ٻه الائي ڇو تڪڙ پيا ڪندا آهيو ڪجهه اڳ پٺ ته سوچي ڏسجي.. جهٽ ڪٽي ڊاڪٽر کي ها ڪي اِهو سوچي ڏنوَ ته ايتري رقم جو ڪيئن ۽ ڪٿان بندوبس سگهندو؟'' سندس سوال ۾ آپريشن ڪرائڻ لاءِ اسهمتي پئي نظر

برجموهن مشڪندي چيو، ''تون صفا ڇري آهين..... مو حساب لڳائي ڏنو آهي.... اِئين ته ڊاڪٽر چار پنج سال ٿو چو جيڪڏهن دادا ٻه سال به ڪڍيا ته به گهاٽي واري ٻالهه ڪو فاعدو ئي فاعدو آهي... دادا جي پينشن جا هر سال ٿي لک جو رهندا.''

ديوان پريمچند هي سڀ ٻڌي رهيو هو. دنيا مطلبي آهي ته هن ڄاتو ٿي، ليڪن سندس مربي پٽ ۽ نونهن به ايترو هوندا اِهو هن ڪڏهن سپني ۾ به ڪونه سوچيو هوندو. سند چيهون چيهون ٿي پئي ۽ هوُ من ئي من ۾ روئڻ لڳو. ان جو مط

شڪ ڏسي ھوُ سمجھي ويو تہ ھن صحيح جواب ڏنو ھو جيئن ڪيس
ڪورٽ ۾ اچڻ کان اڳ سيکاريو ويو ھو.
جسٽس سجاتا وري ٻيو سوال ڪيو، ”تون پلي پنھنجي ماءُ
ان نہ رھہ، ليڪن پنھنجي ماءُ سان ملڻ لاءِ يا ان سان ڳالھيون ڪرڻ
ءِ تنھنجي دل ٿئي ٿي؟“ ھن دفعي بہ ڪتوءَ ”نہ“ جو جواب ڏنو ءِ
نھنجي پيءُ طرف نھاريو. وري بہ ڪيس پيءُ وٽان شاباسيءَ جو اشارو
مليو.

جسٽس سجاتا وري بہ ڪتوءَ طرف نھاري پيار مان پڇيو،
’بيٽا ڪتوُ، تون ڊڄ نہ، تون سچ سچ ٻڌاءِ تہ تون مميءَ سان ڇو نہ ٿو
رھڻ چاھين؟“

ڪتوءَ ڌيمي آواز ۾ ھبڪندي چيو، ”ممي ڪِني آھي..... ممي
ندي آھي.. مان ان سان نہ رھندس....“ ءِ ھن روئي ڏنو. جسٽس
جاتا وري بہ ٻچڪار ڏيندي ڪتوءَ کان پيار سان پڇيو، ”... ٺيڪ ...
بڪن تون اِھو ٻڌاءِ تہ الڳ الڳ رھڻ کان اڳ توکي ڪير وڌيڪ پيار
ڪندو ھو... تنھنجي ممي يا تنھنجو پپا.....؟“ ڪتوءَ کي جواب ڏيڻ
بلڪل ئي دير نہ لڳي چيائين، ”ممي“ ءِ اُتي جو اُتي پلٽجندي
چيو، ”....... نہ... نہ... پپا.... پپا.....“

جسٽس سجاتا ھڪ آزمودگار جج ھئي، جھٽ سمجھي ويئي تہ
ڪتوءَ کي خوب پڙھايو ءِ سمجھايو ويو آھي، انڪري ھن وٽان صحيح
واب جي اميد رکڻ اجايو ھو ءِ خاص ڪري پنھنجي پيءُ جي اڳيان.
ڪري جسٽس سجاتا ڪيس جي ڪاروائي بند ڪري دامني ءِ ديپڪ
ي چيو تہ ٻئي ڄڻا ڪورٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ ساڍس سندس چيمبر ۾
ي ملن جتي ڪيس جو فيصلو ڪيو ويندو.

ڪورٽ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ديپڪ ءِ دامني ٻئي ڄڻا جسٽس
جاتا جي چيمبر ۾ آيا ءِ اچي سندس سامھون ويٺا. جسٽس سجاتا
ي کان الڳ الڳ ڪري ڪيترائي سوال پڇيا جن مان ڪيس معلوم
تہ پتي ءِ پتنيءَ جي وچ ۾ ناسازي ءِ جھڳڙي جي جڙ ھئي دامني
ي نوڪري. دامني نوڪري تہ شادي کان اڳ بہ ڪندي ھئي، ليڪن
ي کان پوءِ ديپڪ چاھيو ٿي تہ دامني نوڪري ڇڏي گھر ۾ اچي

(٩) ”ربڙ جو گڏو“

جسٽس سجاتا گذريل ڪيترن سالن کان ڪورٽ جو جج
رهي آهي ۽ پنهنجا صحيح فيصلا ڏيڻ ڪري مشهور ۽ لوڪپريہ بڻ
ويئي آهي. هر ڪو فريادي اِئين چاهيندو آهي تہ سندس ڪ
جسٽس سجاتا جي ڪورٽ ۾ لڳي.

اڄ هڪ عجيب ڪيس جسٽس سجاتا جي ڪورٽ ۾ لڳو
ياچڪا وجهندڙ هڪ عورت هئي جنهن جو نالو هو دامني. س
شڪايت هئي تہ سندس ننڍڙو اٺن سالن جو پٽ جو پنهنجي پيءُ
رهندو هو، تنهن کي ساڻس ملڻ نہ تي ڏنو ويو ۽ سندس گهُر هئ
سندس ننڍڙي پٽ جي سنڀال جي جوابداري ڪيس ڏني وڃي
سندس سٺي نموني پرگهور تي سگهي.

ڪورٽ حاضرين سان ڪچاڪچ ڀريل هئي. ٻنهي ڌرين جا
مائٽ آيل هئا، اِهو ڏسڻ لاءِ تہ ڪورٽ ڪهڙو تي فيصلو ڪري، ڇ
تہ پتي پتنيءَ جو هي تڪرار ڪيتري وقت کان هلندو تي آيو، ا
نبيرو ڪرڻ ۾ هو سڀ ناڪامياب رهيا هئا.

ڪورٽ جي ڪاروائي شروع ٿيڻ سان ديپڪ ۽ دامنيءَ کي
ويو ۽ ٻنهي جا بيان ورتا ويا، ليڪن ٻنهي مان ڪوبہ ناهہ ڪرڻ لا
نہ هو. تڏهن جسٽس سجاتا سندس ٻار ڪِٽوءَ کان سندس پسندي
لاءِ ڪيس ڪٽهڙي ۾ سڏايو. ڪٽو ڏڄندو ڏڄندو شاهدن جي ڪٽهڙ
اچي بيٺو. سندس منهن تي مايوسي ۽ گهبراهٽ جا آثار صاف
اَچي رهيا هئا.

جسٽس سجاتا ڪانئس سڌو سوال ڪيو، ”بيٽا ڪٽو،
پنهنجي مميءَ سان رهڻ چاهين ٿو؟“ ڪٽوءَ جواب لاءِ چوڌاري
۽ خاموش رهيو. جسٽس سجاتا وري بہ ساڳيو سوال دهرائيندي
تون پنهنجي ماءُ پيءُ ڏي نہ نهار، تون پنهنجي ڳالهہ ٻڌاءِ ت
پنهنجي مميءَ سان گڏ رهندين؟“ هن دفعي ڪٽو ڪنڌ لوڏي
جو اظهار ڪيو ۽ وري پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريو. پيءُ جي چ

سرف ڪاڏو ۽ ڪپڙا آهن؟ يا طرحين طرحين جا رانديڪا ۽ ٿول آهن؟ وهين پلجو ٿا مسٽر ديپڪ ته ٻار کي نه صرف جسماني واڌ لاءِ کاڌو هرجي ٿو ليڪن مانسڪ ۽ ڀاوناتمڪ واڌ لاءِ ٻيو ڪجهه به گهرجي و.''

ديپڪ جڏهن حيرانيءَ مان جسٽس سجاتا ڏانهن نهاريو ته سجاتا چيو، ''جيئن هڪ نازڪ ٻوٽي کي وڌڻ لاءِ ۽ پنهنجو رنگ نکيرڻ ۽ پاڻيءَ جي ضرورت آهي، جو وقت سان نه ملڻ تي ٻوٽو سڪي ٿوڪ ي ويندو، تيئن ئي ٻار کي نکيرڻ لاءِ ۽ پنهنجو اصلي شعور ڏيکارڻ لاءِ ماءُ پيءُ جي گڏيل پيار جو پاڻي گهرجي، جو نه ملڻ تي ٻار جي قدرتي مانسڪ واڌ رڪجي ويندي ۽ هوُ سڪل ٺوٺ ٻوٽي جيان ٿي پوندو.''

ديپڪ ۽ دامني اڃا به چپ ويٺا رهيا، شايد اِهو ئي ٿي سوچيائون ته جسٽس سجاتا جيڪي چيو ٿي سو سچ هو يا نه. ٻه منٽ چپ رهڻ کان پوءِ جسٽس سجاتا روئڻهارڪو منهن بڻائيندي چيو، 'مان به ٻڙدن جي ان اتياچار جي شڪار رهي آهيان.'' ۽ هڪ ڊگهو ۽ ڏو ساهه کڻي چپ ٿي ويئي. دامنيءَ سانت کي ٽوڙيندي عجب مان چيو، ''هي توهين ڇا چئي رهيا آهيو؟... توهان سان ۽ اتياچار....!''

''ها، مون سان به اتياچار ٿيو آهي...'' سجاتا لفظن کي ڀاڙيندي چيو، ''منهنجو به شاديءَ کان پوءِ سدارٿ سان ڪنهن الهه تي جهڳڙو ٿيو هو. هن چاهيو ٿي ته شاديءَ کان پوءِ مان به ڪيس وٽلن ۽ ڪلبن ۾ ساٿ ڏيان، ناچ سکان ۽ سندس دوستن سان گڏ نچان، و منهنجي سڀاوَ ۽ فطرت جي بلڪل ئي اُبتڙ هو. اِنهي ڳالهه تان جهڳڙو وڌندو ويو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن مونکي به تنگ ٿي سدارٿ جو گهر ڏڻو پيو.. پر ننڍڙو منوُ اُتيئي پيءُ وٽ رهجي ويو. مان گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون ليڪن وريو ڪجهه به ڪونه. منو پيءُ وٽ ئي پلجڻ و.. منهنجي سڀي کان دور... ۽ منهنجي پيار کان محروم......''

سجاتا جي چيمبر ۾ چيندڙ خاموشي ڇانئجي ويئي، صرف ٽ جي پکي جو ڌيمو آواز سر سر ڪري اچي رهيو هو. ان خاموشيءَ ي ماحول کي ٽوڙيندي سجاتا ڌيل آواز ۾ چيو، ''توهان کي خبر ي ته منؤ جو اڄ ڇا حال آهي؟''

رهي جا ڳالهہ دامني مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. هن نہ ئي چاهيو تہ نو
ڇڏي هوءَ ٻي ڪنهن مٿان بار بڻجي پوي. هن جو ترڪ هو تہ
شڪي سڀاو وارو هو جنهن ڪري هن کي دامنيءَ جو ڪنهن سر
آفيس ۾ مڙدن جي وچ ۾ ڪم ڪرڻ يا اُنهن سان ڳالهائڻ سهڻو
لڳو ۽ دامني پنهنجي سوايمان جي خاطر نوڪري ڇڏڻ لاءِ ت
هئي. اِنهيءَ ڳالهہ تان ٻهريائين ٻنهي جي وچ ۾ ٺِڪ ٺِڪ شروع
جنهن ڪان پوءِ واد وواد ٿيو ۽ ڳالهہ جڏهن ڏڪ بجي تي اچي پهـ
سوايمان واري دامني پتيءَ جو گهر ڇڏي الڳ رهڻ لڳي. ديپڪ
کي زوريءَ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. دامنيءَ پٽ کي پائڻ لاءِ سڀ
هلايا ليڪن ديپڪ مڃڻ وارو نہ هو، جنهن ڪري ڪيس ڪور
سهارو ونڻو پيو.

جسٽس سجاتا ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي ڪين چيو، ”
پتنيءَ جي وچ ۾ ويچارن جو متڀيد هئڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي
کي بہ ٻہ اِنسان هڪ ئي ويچار جا يا هڪ ئي ٻڌيءَ جا هجن، اِ
ضروري ناهي. ٿورو گهڻو فرق تہ هر ڪنهن جوڙي ۾ رهندو
ليڪن سمجهو اِنسان پاڻ ۾ ئي بدلاءُ آڻي هڪ ٻئي جي ويچ
اڇائن سان پاڻ کي ٺهڪائي ڇڏيندا آهن ۽ جيون جو آنند م
آهن. ليڪن گهٽ سمجهہ وارا پنهنجي ئي اهنڪار تي قائـ
گرهست جيون ۾ نفاق آڻي ڇڏيندا آهن جنهن جو نتيجو سنت
ئي ڀوڳڻو پوندو آهي.“

جسٽس سجاتا جي پوئين جملي ڏانهن دامني ۽ ديپڪ ڌ
ويو الاجي نہ، ليڪن سجاتا زوردار لفظن ۾ چيو، ”توهين پنـ
اهم ۽ اهنڪار خاطر پنهنجي ڪٽوءَ جي بربادي جو ٻج پوڪ
آهيو. توهان جي آپس جي لڙائيءَ ۾ ويچاري ڪٽوءَ جو ڇا حال
اِهو توهان ڪڏهن سوچيو آهي؟“

ديپڪ چيو، ”مان تہ ڪٽوءَ کي هر حال ۾ خوش رکندو
جيڪي بہ ڪيس کپندو آهي هڪيو تڪيو حاضر ڪري ڏيندو
هڪ پل جي بہ دير نہ ڪندو آهيان.“

جسٽس سجاتا تکي ۽ طنز ڀرئي آواز ۾ چيو، ”ڇا بار ج

(١٠) ''ماستر پيرومل''

ماڌوپور هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري اسڪول ڻ آهي، جنهن ۾ ڳوٺ جا ۽ اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ڪيترائي ديارٿي پڙهڻ ايندا آهن. پيرومل اسڪول جو هيڊ ماسٽر آهي. شروع روع ۾ جڏهن هو اسڪول ۾ آيو هو، تڏهن نائب ماسٽر هو، ليڪن يهن سالن جي محنت ۽ لگن ڪري اڄ هوُ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿجي چڪو آهي. ڳوٺ وارا سندس خوب عزت ڪندا آهن ۽ ڪيس يحد پائيندا آهن. سندس چرتر ۽ اصولن جي ساک دوُر دوُر تائين هليل آهي.

اسڪول ۾ گرميءَ جي وئڪيشن ٿي چڪي آهي ۽ سڀ وديارٿي نهنجن پنهنجن گهرن ۾ خوش آهن ڇو تہ اسڪول جا ساليانا متحان پورا ٿي چڪا آهن ۽ سڀ وديارٿي بي صبريءَ سان رزلٽ جو نتظار ڪري رهيا آهن.

اسانجو ماسٽر پيرومل ستين درجي جي وديارٿين جا پيپر ڄاچي رهيو آهي. بيحد انصاف پسند هئڻ ڪري هوُ پيپر ۾ لکيل هڪ ڪ لفظ ۽ هڪ هڪ جملو وڏي ڌيان سان پڙهي رهيو آهي. هوُ پنهنجي ڪم ۾ ايترو تہ محو آهي جو ڪيس سمي جي سمڪ بہ ڪونہ پئجي گهندي آهي جيستائين سندس استري اچي ڪيس سنان لاءِ يا روٽي ائڻ لاءِ نہ اُٿاري.

پيپرن جي جاچ پوري ٿي چڪي هئي ۽ بئي ڏينهن تي يارٿين کي سندن رزلٽ ٻڌائڻ لاءِ ڏينهن مقرر ٿيل هو، انڪري ستر پيرومل تکڙو تکڙو ڪم ڪري رهيو هو. پهريائين هن ستين جي جي شاگردن جي وشيہ شيٽ تيار ڪئي ۽ ان بعد سيني وشين تي ل مارڪن جي گڏيل ٽوٽل جي حساب سان ميرٽ لسٽ ٺاهڻ چاهي ئن سڀ کان پهريون نمبر کڻڻ واري ٻار کي همٿائڻ لاءِ سرڪار جو رر ٿيل اِنعام ڏيئي سگهجي.

ڪم اينگهائيندڙ هو ليڪن پورو ڪرڻو هو ۽ ڪم پورو ٿيندي

دامني ۽ ديپڪ ڪوبہ جواب نہ ڏيئي سگھيا ۽ چپ چاپ جـ
سجاتا ڏانهن نهاريندا رهيا. پنهنجيءَ ڳالهہ جو سلسلو قائم رکـ
پنهنجي ئي سوال جو جواب ڏيندي سجاتا چيو، ”اڄ هوُ ويهن
جو جوان ڇوڪر آهي، ليڪن ٻڄڻو ۽ ٻرپوڪ. نہ منجهس ڪو
آهي نہ اڳتي وڌڻ جي چاهہ يا ڪوئي امنگ. ڪجهہ بہ ڪرڻ ڪـ
هارائي ويهندو آهي. پڙهڻ سان تہ ڪڏهن دل لڳس ئي
ٿوري گهٽي تي پيءُ جون ڇڙٻون ۽ مارون ڪائي هو بي پرواهـ
جوابدار ٻڻجي پيو آهي، هڪ ربڙ جي ڳُڏي وانگر جنهـ
جيڏانهن ورائيس تہ وري ويندو، يا جيتري چاٻي پريس تہ اوتـ
هلندو.....“ چوندي چوندي سجاتا جي دل پرجي آئي ۽ هوءَ
ڪيڏي پنهنجي اکين جي نميءَ کي اُگهڻ لڳي.

دامني ۽ ديپڪ اجا بہ چپ چاپ وينا رهيا جڻ تہ ڪا فلـ
رهيا هجن. جسٽس سجاتا وري چيو، ”صرف ماءُ جو پيار ئي ٻـ
شخصيت کي مڪمل روپ ڏيئي سگهي ٿو، جو نہ ملڻ تي ٻار
بي اُتساهہ ۽ موڳو موڳو ٻڻجي پوندو آهي.“ ۽ پوءَ ديپڪ
مخاطب ٿي چيو، ”اوهان ٻار جي معصوم ڪچڙيءَ دل ۾
ايترو تہ زهر پري ڇڏيو آهي جو هو ساڻس ڳالهائڻ بہ قبول نہ ٿو
گهڙي نہ عجب جي ڳالهہ آهي. هڪ ٻار پنهنجي ئي ماءُ سان
ڳالهائڻ نہ چاهي، سا ڪيڏي نہ دردناڪ ڳالهہ آهي! اِها نفرت
ئي زندگي اُجاڙي ڇڏيندي، اِهو توهان هاڻي نہ سمجهي سگهـ

ديپڪ هڪ دفعو دامنيءَ ڏانهن نهاريو جا پنهنجون
هيٺ ڪري روئي رهي هئي. ديپڪ کيس ڳراٽڙي پائيندي
”جج صاحب اسان جون اکيون کولي ڇڏيون آهن ۽ اسان کي اِ
ڪرڻ کان بچايو آهي.. اسين ڪٽوءَ کي ربڙ جو ڳُڏو ٻڻـ
ڏينداسين...“ ايتري ۾ ڪٽو بہ اندر گهڙي آيو ۽ پنهنجي پپا
کي هڪ ئي ڀاڪر ۾ ڳڏ ڏسي تاڙيون وڄائڻ لڳو.

جسٽس سجاتا محسوس ڪيو تہ هن ڪٽوءَ کي منوُ ٿـ
بچائي ورتو.

◇◇◇◇

(11) ”آشيرواد“

كيترن ڏينهن كان گهر ۾ مانڊاڻ متل هئو. اِئين ته هيءُ هڪ
ندڙو پريوار هو، صرف ٽي ڀاتي، ماءُ - پيءُ ۽ ڌيءُ، ليڪن ٽنهي جي
چ ۾ كنهن هڪ ڳالهه تان ڇكتاڻ هلي رهي هئي. نه ڌيءُ ٽي ماءُ
يءُ جو چيو مڃيو، نه وري ماءُ - پيءُ ڌيءُ جي ڳالهه ٽي مڃي. ڳالهه
ئي ديپا جي شاديءَ جي. ديپا مهيش سان شادي ڪرڻ ٽي چاهيو،
يكن سندس ماءُ پيءُ كي اِها ڳالهه قطع ئي منظور نه هئي.

ديپا جي ماءُ ستيءَ غصي ٿيندي چيو، ”پيار ۾ تون ايترو
ندي ٿي چكي آهين جو توكي اڳ پٺ جو كو سماءُ ئي كونه ٿو پوي.
اٺهو ڇا چوندا، مٽ مائٽ ڇا چوندا يا سماج ڇا چوندي، ان جي
توكي ذرو به پرواهه كونهي....“

ديپا جي پيءُ گيانچند به پنهنجي غصي جو اظهار كندي
چيو، ”توكي ڀلي ئي سماج جي پرواهه نه هجي ليكن اسان كي ته هن
ي سماج ۾ رهڻو آهي، كهڙو منهن كڻي هلنداسين؟ اسان جي نكي
جي به عزت كونه رهندي. سڀ اسان ٽي ٿوُ ٿوُ كندا.“

ستيءَ به سندس سُر ۾ سُر ملائيندي چيو، ”ڇوكرو ٻيءَ ذات
جو آهي، رڳو اِهو ئي هجي ها ته اسين زهر جو ڍڪ پي وڃون ها،
يكن هتي ته ڳالهه ئي نرالي آهي. هركو اِئين ئي چوندو ته ڇوكرن
جي كا سڄ ٿي ويئي هئي يا گيانچند كي نياڻيءَ لاءِ كو لائق ڇوكرو
ي كونه ٿي مليو جو اهڙو كم كيائين. اسان جي سڄي خاندان ٽي
كو لڳي ويندو....“

ديپا كوبه جواب كونه ڏنو ۽ چپ چاپ پنهنجي ماءُ پيءُ جا
هريلا ويڻ ٻڌندي رهي. ستيءَ محسوس كيو ته هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽
وان جماڻ ڌيءَ سان ان طرح غصو كرڻ يا سختي كرڻ مان كوبه
عدو نه پوندو، تڏهن سُري ديپا جي پرسان آئي ۽ سندس مٿي ٽي
ٿ رکندي چيو، ”اسين ته چاهيون ٿا ته اهڙو كم ٿئي جيئن
هنجي به رهجي اچي ۽ اسان جي به رهجي اچي، تون به سُكي

تيندي رات ٿي ويئي. جڏهن فائينل ميرٽ لسٽ تيار ٿي چ
پيرومل کان وڏو چرڪ نڪري ويو ڇو تہ سيني وديارٿين ۾ اول ن
چندو چمار جو پٽ دينوُ آيو هو. ماسٽر پيرومل کي اِئين لڳوگويا
سامهون ڪوڙڙي دوا جو پيالو رکيو ويو هجي جو کيس هڪ ئي
پيئڻو هجي. هن هڪ دفعو ٻيهر مارڪن جي ٽوٽل جي چڪاس
ليڪن رزلٽ ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آيو. هوُ کٽ تي وڃي ليٽيو،
کيس ننڊ ڪونہ آئي. ڦري گهري اِهو ئي ويچار سندس من ۾
ٿي آيو تہ هڪ چمار جو پٽ اول نمبر اچي سا پرين پاڳن وديار
ڪيتري نہ شرم جي ڳالهہ هئي. هيءَ خبر جڏهن ڳوٺ جي زم
ڳوٺ جي مکيءَ کي پوندي يا سرڪاري آڊيڪارين کي ملندي ت
مچي ويندو. ان رزلٽ شيٽ ۾ سندس پنهنجو پٽ بہ پنتي پئ
هو جو هميشهہ ئي پهريون نمبر ايندو هو.

حسد جي آگ پڙڪو کائي اُٿي جنهن جي تيز جر کان
جو سينو جلڻ لڳو. پهريائين تہ پنهنجي اصول پسنديءَ اثر ه
فيصلو ڪيو هو تہ جو صحيح آهي سو ٿيڻ گهرجي، ليڪن ح
آگ وچڙجي چڪي هئي، جنهن ۾ ماسٽر جا اصول ۽ وويڪ جل
ٿي ويا. هوُ پنهنجي بستري تان اُٿيو ۽ ڪبٽ مان وڃي دينوءَ
پيپر وري چڪاسڻ لاءِ ڪڍي آيو.

ٻي ڏينهن تي جڏهن وديارٿين جي ميرٽ لسٽ ظاه
وئي تہ ان ۾ دينوءَ جو نالو ناپاس واريءَ لسٽ ۾ هو. تڏهن
ماسٽر پڻ پڻ ڪندي چيو تہ، ”دروٽاچاريہ اڄ بہ زنده آه
ڪونهي، نہ تہ ايڪلويہ جا آگوٺا ڇو ڪپجن ها !“

ان بعد دينو اسڪول ڇڏي پيءُ سان گڏ چمار جو ڪم ڪ

❖❖❖❖

ڪو بزرگ جلد ئي پرلوڪ سڌارجي ويندو. ان پراڻي خيالات جي خلاف
مهيش ګهڻو ئي پنهنجن مائٽن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
ليڪن وريو ڪجهه ڪونه.

اڃا اِها ڪشمڪش هلي ئي رهي هئي جو هڪ ٻي ګهٽنا ګهٽجي
ئي. هڪ ڏينهن آفيس مان موٽندي مهيش جي اسڪوٽر جو هڪ ٽرڪ
سان حادثو ٿي پيو ۽ اهو حادثو ايترو ته ڀيانڪ هو جو مهيش جي بچڻ
جي اميد ئي ڪونه بچي. ليڪن دنيا ۾ چمتڪار ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن
ا. اِهو ڊاڪٽرن جي جفاڪشيءَ جو نتيجو هو يا ديپا جي پرارٿنائن جو
ثر هو جو مهيش بچي ويو. ليڪن سندس شرير جو هيٺيون حصو
ڏرنگ جي چپيٽ ۾ اچي ويو جنهن سبب هو اُٿڻ ويهڻ کان لاچار ٿي
پيو.

اسپتال ۾ هوندي جنهن نموني ديپا مهيش جي سار سنڀال لڌي
ڏينهن رات هڪ ڪري سندس شيوا ڪئي، تنهن مهيش جي مائٽن
کي موهي ڇڏيو. سندن دل ۾ ديپا جو مانگلڪ هئڻ لاءِ جا هچڪ هئي
سا دور ٿي وئي يا اِئين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هنن هاڻي ڄاتو ٿي تہ ديپا
کان سواءِ ٻيو ڪير هڪ اپاهج سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

هوڏانهن ديپا جا مائٽ بہ مهيش جي هن حادثي ۾ پنهنجو
ڀلو ئي ڏسڻ لڳا، ڇو تہ ڪين اِئين محسوس ٿيڻ لڳو تہ هاڻي ديپا
مهيش جي پڇر ڇڏي ڏيندي، نہ تہ ڀلا هڪ اپاهج ڇوڪري سان
ڪهڙي سياڻي ڇوڪري ڄاڻي واڻي شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي. ليڪن
ٿيو اُن جي اُبتڙ . حادثي کان پوءِ ديپا تہ اڃا بہ مهيش جي وڌيڪ
ويجهو اچي وئي ۽ ضد ڪرڻ لڳي تہ هن مهيش سان ئي شادي ڪرڻ
ٿي چاهي.

اڄ بہ اِنهيءَ ڳالهہ تي ګرماګرم بحث هلي رهيو هو. ستيءَ
چيو، ”هڪ اپاهج ڇوڪرو جيڪو هلڻ چلڻ کان لاچار سو تنهنجو ڪهڙو
سهارو بڻجي سگهندو؟ تون عمر ڀر پڇتائيندينءَ ۽ رت جا ڳوڙها
ڳاڙيندينءَ.“

”ممي ، اِئين نہ چئو، مهيش اڄ بہ پنهنجي وهيل چيئر تي

رهين ۽ اسين بہ سک جو ساھہ کڻون.....“

تڏهن ديپا پنهنجو سِرُ مٿي کڻندي چيو، ”ممي،
اوهان کي هيترا پيرا ٻڌايو آهي تہ مان شادي ڪندس تہ صرف
سان. پوءِ بہ وَرَ وَرَ ڪري توهان الائي ڇو مونکي پنهنجي فر
پٽڪائي رهيا آهيو، مان خود غرض بڻجي مهيش سان دوکو نہ
سگهندس.......“

”اِن ۾ دوکي جو ڪهڙو سوال آهي؟“ گيانچند دي
چڙٻندي چيو، ”جڏهن هوُ چاق چڱو ڀلو هو تہ ٻي ڳالهہ هئي،
هاڻي جڏهن هوُ اپاهج بڻجي چڪو آهي تہ تون ڇا سڄي عم
جيان هن جو بار پئي ڍوئيندينءَ؟“

”ان کي توهين بار ڇو ٿا چئو، پپا !“ ديپا ورندي
چيو. ”پتي پتني تہ زندگيءَ جي هر راهہ ۾ هڪ ٻي جو سهارو
آهن. هن ڏکئي وقت مان مهيش جو سهارو بڻجڻ ٿي چاهيان

در حقيقت ڳالهہ هيئن هئي تہ ديپا پنهنجن مائٽ
اڪيلي سنتان هئي جنهن کي سندس ماءُ پيءُ وڏي ناز سان ۽ پ
پاليو هو. هوءَ ئي سندن اکين جو نوُر هئي ۽ آئيندهہ جي اڪيل
هئي. جڏهن هن ايم.بي.اي (M.B.A) پڙهي پاس ڪئي تہ ڪي
سٺي نوڪري ملي ويئي، اُنهيءَ آفيس ۾ جتي مهيش اڳ ۾ ئي
ڪندو هو. هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندي هوُ هڪ ٻئي جي ويجه
لڳا. ويجهو ٿيا تہ هڪ ٻي لاءِ ڪشش وڌڻ لڳي. ڪشش ڏيري ڏي
جي روپ ۾ بدلجي ويئي ۽ هوُ هڪ ٻئي کي بيحد چاهڻ لڳا. پ
ڏسي ذات نہ پات. ٻنهي جي وچ ۾ انجام ۽ اقرار ٿيا ۽ ٻنهي ج
ساٿ رهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ليڪن سندن شاديءَ جي ڳالهہ
جي مائٽن کي منظور نہ هئي. ديپا جي مائٽن کي ان لاءِ اعتراض
مهيش ٻي ذات جو ڇوڪرو هو جا ڳالهہ سندن برداشت ٿيڻ ک
هئي. مهيش جي مائٽن کي وري ان ڳالهہ لاءِ اعتراض هو تہ د
جنم ڪنڊليءَ ۾ منگل جو گرهہ هو ۽ اها سندن ڪٽر ڌارڻا
جيڪڏهن سندن گهر ۾ مانگلڪ ڇوڪري پرڻجي آئي تہ گهر

ات پڙهايو آهي. جنهن استريءَ کي هٽ ديوي ڪري پوڄيو تو
، اُها استري جيڪڏهن هن طرح خود غرض بڻجي پيار ۾ دوکو
 شروع ڪندي تہ پوءِ ڪير ان کي ديوي ڪري سمجھندو ۽ ڪير
جي پوڄا ڪندو؟.... ممي، تون ئي تہ مون کي سسئيءَ پنهوءَ ۽
ي ميهار جي امر پريم جون ڪهاڻيون ٻڌائي محسوس پئي ڪرايو
تہ پيار ٻن آتمائن جي وچ ۾ ٿيندو آهي، نہ ٻن جسمن جو. اڄ
ِس جيڪڏهن جسماني طرح اپاهج ٿي چڪو آهي تہ مان اُن کي
 بي چوڪري سان پيار ڪريان؟ ستي ساوتري ۽ ستيوان جي
ٿي بہ تہ توهان ئي ٻڌائيندا هئا !''

''ساوتريءَ جي ڳالهہ نہ ڪر.....'' ستيءَ چڙ ڪائيندي چيو،
ي تہ پتي پتني بڻجي چڪا هئا... تون تہ اڃا ڪنواري آهين....
 ڏسي وائسي بہ ڇا مک ڳيهندو آهي...؟'' ستيءَ نئون دليل ڏنو.

لیکن ديپا ڪٿي مڃڻ واري هئي، چيائين ، ''ساوتريءَ تہ
مڙس جي پڇر نہ ڇڏي.......... ۽ توهان چاهيو ٿا تہ مان جيئري
دي کي ڇڏي ڏيان؟''

ستي بنان ڪو جواب ڏيڻ جي ڪمري مان نڪري ويئي ۽ ديپا
ي ۾ اڪيلي رهجي ويئي.

ديپا پنهنجي ڪيل فيصلي تي قائم رهي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ
 ڇيئر ۾ وينل مهيش کي هار پائي شاديءَ جي رسم پوري ڪري
. سڀني حاضرين تاڙيون وڄائي نئين جوڙي کي آشيرواد ڏني.

❖❖❖❖

جيڏانهن چاهي وڃي سگهي ٿو ۽ گهمي ڦري سگهي ٿو، گهر ۾ ب
سڀ ڪم پاڻ ئي ڪندو آهي، ڪنهن جي مٿان بار ناهي...'' ديپا
''ليڪن آفيس جو ڇا؟'' گيانچند پنهنجو دليل پيش ڪ
چيو، ''آفيس ته وڃي ڪونه سگهندو ۽ آفيس وڃڻ کان سواءِ نو
ڪٿان چالو رهندي؟ ۽ نوڪريءَ کان سواءِ جيوڪا پالڻ ڪيترو مش
بڻجي پوندي ، ان جو تون اندازو به نٿي لڳائي سگهين !''
''پپا، مهيش نوڪري وڃائي ناهي. هو آفيس جو ساڳيو ئي
گهر ۾ ويهي پنهنجي ڪمپيوٽر تي ڪري سگهي ٿو، ۽ ان لاءِ آف
وارن کيس لکيت ۾ اجازت ڏني آهي. ان کان سواءِ مان به ته نو
ڪندي رهندس. گرهست جو گاڏو آرام سان هلي ويندو.....''
بيحد سنجيدگيءَ سان چيو.

''ڪجهه به هجي، اسين اِن شاديءَ لاءِ ڪڏهن به اجازت ڏ
نه سگهنداسين ۽ نه وري ان شاديءَ ۾ شامل ٿي توکي آشيرواد ڏ
سگهنداسين......'' گيانچند آخر ۾ دڙڪي جو سهارو وٺندي چ
ڦٽ ڦٽ ڪندو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ڪمري ۾ بلڪل ئي خاموشي ڇانئجي ويئي، ايتري قدر
ستيءَ ۽ ديپا جي ساهه کڻڻ جو آواز به چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. س
وري به ديپا کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ''ديپا، اسين
تنهنجا ويري ڪونه آهيون نه ئي تنهنجا دشمن آهيون. اسين جيڪ
ڳالهه چونداسين سا تنهنجي ڀلي لاءِ ئي هوندي. اسين ته چاهيو
ته تون هر حال ۾ خوش هجين ۽ سکي هجين، ليڪن تنهنجو مه
سان شاديءَ جو فيصلو توکي نهوڙي ڇڏيندو، تون برباد ٿي ويندين
ديپا وٽان جڏهن ڪو به جواب نه مليو ته ستيءَ کيس چتاءُ ڏيندي
''وڌيڪ تنهنجي مرضي، ليڪن اِهو ياد ڪري ڇڏجانءِ ته جيئن ت
پٺين چئي ويو آهي، اسين ڪهڙيءَ به حالت ۾ تنهنجي شادي
شامل ٿي نه سگهنداسين.''

ديپا ڪجهه وقت سوچيندي رهي ۽ پوءِ چيو، ''ممي،
توهين ڇا چئي رهيا آهيو؟ توهان ئي ته مون کي استريءَ جي م

گنگا کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائيندي پاڻوهه مان چيو،
لوءَ بيٺا ٻڌاءِ تہ ڇا ٿيو آهي جو اِئين روئين ٿو........''
لالوُ پنهنجي پٺيءَ تان سندس هٿ هٽائيندي چيو، ''امان،
ب هٿ نہ لڳاءِ... ڏاڍو سوُر ٿو ٿئي.....''
''ڇو، ڪٿي ڪري پئين ڇا؟'' گنگا عجب کائيندي پڇيو.
'' نہ اَمان، اڄ سيٺ مونکي ماريو آهي.... ڇهبوڪ ئي ڇهبوڪ
ٻا اٿائين.... هي ڏس....'' ۽ لالو پنهنجي خميص لاهي ماءُ کي
ـنجي پٺي ڏيکارڻ لڳو.
لالوُءَ جي پٺي ڏسي گنگا تہ ڄڻ سراپجي ويئي. سڄي پٺيءَ تي
يت تي ڇهبوڪ جا ڳهرا نيرا نشان پئي ڏسڻ ۾ آيا جن کي هٿ
ئڻ سان لالوءَ سيسرات ٿي پريا.
گنگا پيار مان لالوءَ جي پٺي تي هٿڙا گهمائيندي چيو، ''مار
ي شل سيٺ کي، ليڪن هن توکي ماريو ڇو؟ ضرور گهر ۾ ڪا شرارت
ي هوندءِ.......''
''نہ اَمان، مون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو.... مون تہ صرف ڪتڙن
ڏنل کير پي ڇڏيو....'' لالوءَ ڪجهہ هبڪندي چيو.
گنگا کي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. عجب مان پڇيائين، ''ڪتڙن جو
ـ ان لاءِ توکي ايترو ماريو اٿائين.....؟''
دراصل ڳالهہ هيئن هئي تہ سيٺ متراداس ، هرروز پر واري
ـڇي ۾ صبوح سان سئر ڪرڻ ويندو آهي، جتي ڪيس ڪيترائي
نجا متر، ساٿي ۽ خوشامندڙيا اچي ملندا آهن. سيئي سيٺ سان
گهمڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ سندس ڪيل ڪمن جي ساراهہ
ي سندس واهہ واهہ ڪندا آهن. سيٺ نہ رڳو پنهنجي ساراهہ ٻڌي
ن ٿيندو آهي بلڪ ان باغ جي چوڪيداريءَ کي پنهنجي ووٽ بئنڪ
ڻ جو هڪ ذريعو بہ سمجهندو آهي.
ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ باغيچي جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ڪتيءَ انن
ڙن کي جنم ڏنو. ننڍڙا ننڍڙا، گول مٽول، رنگ برنگي سهڻا گُلر
نهن هوڏانهن پيا گهمن ۽ ڊوڙون پائن ۽ راند ڪن. سيني جو ڌيان

(۱۲) ”پول کُلي پيو“

لالوُ ڏهن سالن جو ٻار آهي. سندس هيءَ عمر تہ اسڪول ۾
پڙهڻ ۽ پنهنجن دوستن سان مزا ماڻڻ ۽ رانديون رونديون ڪرڻ
آهي. ليڪن اِنهيءَ بجاءِ لالوُ سيٺ متراداس جي گهر ۾ نوڪر ٿي
ڪندو آهي. هوُ سويل ئي صبوح جو سيٺ جي گهر پهچي ويندو آ
رات جو دير تائين پنهنجي گهر موٽندو آهي. هوُ سيٺ جي گ
سڀ اُٿي وينيءَ جو ڪم ۽ اندر ٻاهر جو ڪم ڪندو آهي، جنهن
عيوض سيٺ متراداس سندس وڌوا ماءُ کي ٻہ سؤ روپيہ ڏيندو آهي

لالوُ جي ماءُ گنگا وڌوا ۽ بيواهہ آهي ۽ بيمار هوندي بہ
پاسي جي گهرن ۾ ڪم ڪري پنهنجي ۽ پنهنجي پٽ جي اُدر
ڪندي آهي.

سيٺ متراداس شهر جي وڏين هستين مان آهي ۽ نيڪ نا
جو مالڪ آهي. هوُ شهر جي نگر نگم ۾ وارڊ ميمبر آهي ۽ چڱي ها
پڄنديءَ وارو آهي. هوُ نہ صرف پنهنجي وارڊ جي رهاڪن
تڪليفون ۽ شڪايتون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر ٻين
کي سرڪاري ڪم اُڪلائڻ ۾ مدد ڪندو آهي. اِنهيءَ ڪري هوُ
لوڪپريہ نيتا بڻجي پيو آهي ۽ هرڪو کيس عزت جي نگاهہ سان ڏ
آهي. سڀني جي اِها مڃتا آهي تہ سيٺ متراداس اڃا بہ ترقي ڪ
جلد ئي راجيہ جي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻجي ويندو ۽ ان ڪا
دهلي دور ڪانهي.

اڄ رات جو لالوُ جڏهن گهر پهتو تہ بيحد گهبرايل ٿي لڳو.
زور سان ڪنجهي رهيو هو ۽ اچڻ سان ئي ماءُ سان لپٽجي روئڻ
هونءَ تہ روز اچڻ سان ماءُ کي سيٺ جي گهر جون ڳالهيون ٻڌائين
تہ اڄ هي ٿيو يا هو ٿيو، يا اڄ ڇا کاڌائين يا ڇا پيتائين، مطلب تہ
جي گهر جي ٽُر ٽُر ڳالهہ اچي ماءُ کي ٻڌائيندو هو. ليڪن اڄ
هيئن موڳو موڳو يا روئندو ڏسي، گنگا کيس ڳراٽڙي پائي روئڻ جو
پڇيو تہ لالوُ هٿائين سڏڪا ڀري اڃا بہ وڌيڪ روئڻ لڳو.

س ڏاڍو مزو آيو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ امرت پيتو هجي. ايتري
ن سندس دل ترپت ڪونه ٿي. ڪير پيئڻ جي چاهه هٿائين وڌي وئي،
ڻن اڪثر ٿيندو آهي. سندس دل ٿي ته جيڪر ڪير جي ٻي ٿيلهي
پي ڇڏيان. آخر ڪتڙا سيٺ ڪي ٿورو ئي ٻڌائيندا ته ڪين ڪير ڪونه
بو. مان ته گهر وڃي سيٺياڻيءَ کي ٻڌائيندس ته ڪتڙن کي ڪير
ٺاري آيس. ڪنهن کي خبر به نه پوندي ته ڪير ڪيڏانهن ويو. اِهو
چي لالوءَ ڪير جي ٻي ٿيلهي به پي ڇڏي ۽ گهر ۾ موٽي اچي
يائين ته ڪتڙن کي ڪير پيئاري آيس.

ٻي ڏينهن سيٺ ٺرڊاس جڏهن باغيچي ۾ گهمڻ ويو ته
ني دوستن شڪايت ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ته ڪير نه ملڻ ڪري
ڇارا ڪتڙا ڪيئن نه موڳا موڳا پئي لڳا ۽ ڪيڪرائون پئي ڪيائون.

لالوءَ جو پول کُلي پيو، بس، پوءِ ڇا هو؟ سيٺ غصي ۾ اچي لالوءَ
تي ڇهبوڪ سان ڇچري ڇڏيو. لالو ڪيترو ئي ٻاڪاريندو رهيو،
في گهرندو رهيو، ليڪن سيٺ کي ڪابه ديا ڪانه آئي. ڇهبوڪ
هن تني پيو، تڏهن وڃي لالوءَ جي جان ڇٽي، نه ته شايد ماري پورو
يس ها.

گنگا جڏهن اِها سڄي ڳالهه لالوءَ جي واتان ٻڌي ته سيٺ کي
تو ڏيندي چيو، ”مئي ماريي سيٺ توکي هيترو ماريو آهي سو به
جي چُڪيءَ لاءِ .. ڏسجانءِ جيترو توکي ماريو اٿائين، اوترائي
س جان ۾ نيل پوندا... شل ڪيئان پوندس.... آخر اسان جو ڪتڙي
رو به ملهه ڪونهي ڇا؟ ڪير جيڪڏهن ڪتڙن نه پيتو ۽ تو پيتو ته
ر ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي پيئي....“

گنگا لالوءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائي چميون ڏيڻ لڳي.

(رهاڻ - 2013)

اِنهن پونگڙن ڏانهن پئي ويو. ڪن اُنهن کي ڪٽي نچايو ٿي ته
انهن کي ڊڪايو ٿي ته ڪن وري انهن کي هٿن ۾ ڪٽي پيار ٿي
خبرناهي مراداس کي ڇا سُجهي آيو جو ٻئي ڏينهن هڪ
نڪر جو ڪونڊو ۽ ٻه ڪير جون ٿيلهيون ڪٽي آيو. ٿيلهين مان ڪير
ڪونڊي ۾ وڌائين ۽ پونگڙن جي پرسان رکيائين ته سڀ پونگڙا
آيا ۽ چٽ چٽ ڪري ڪير پيئڻ لڳا. پوءِ ته جڻ تماشو مچي ويو. ه
پيو پونگڙن جي پٺي لساڙي ۽ ڪين ڪير پيئاري. سيٺ جي ته جڻ
جمي ويئي. هر ڪنهن جي منهن ۾ اِها ڳالهه ٿي آئي ته سيٺ ڪ
نه ديالو ۽ رحمدل آهي. اسانجا ته ڪم ڪري ٿو ليڪن هنن ڳگد
کي به نٿو وساري.

هي ڪاريه ڪرم ڪيترائي ڏينهن هلندو رهيو. سيٺ روز ٻه
جون ٿيلهيون آڻيندو هو ۽ ڪتڙن کي پيئاري خوش ٿيندو هو. ڪت
ڏري ڏيري وڌڻ لڳا ۽ تنهن سان گڏ سيٺ جو نيڪ ناموس به وڌڻ

هڪ ڏينهن سيٺ کي ڪنهن ڪم سانگي ٻي شهر وڃڻو پيو
۾ ٿيندڙ روز مره جي ڪم ۾ ڪو خلل نه پوي ان لاءِ هن هڪ ڏي
اڳ ۾ ئي لالوءَ کي چئي ڇڏيو ته باغ ۾ وڃي ڪتڙن کي ڪير پيئ
اَچي. ٻئي ڏينهن سيٺ جي حڪم پٽاندڙ لالوُ ڪير جون ٻه ٿيله
ڪٽي باغ جي طرف نڪتو ليڪن باغ ۾ گهڙڻ کان اڳه سندس م
ويچار آيو ته ڇو نه ڪتڙن کي صرف هڪڙي ٿيلهي ڪير جي
پيئاريان ۽ ٻي ٿيلهي مان پي ڇڏيان. آخر سيٺ کي ته ان جي
پوندي ڪونه، نه ڪوئي ڪتڙا ڪيس ٻڌائي سگهندا. ڪير پيئڻ
سندس ڏاڍي دل ٿي رهي هئي ڇو ته سندس گهر ۾ ته ڪير ايند
ڪونه هو. ڪير جو ڇا سواد ٿيندو آهي اُهو به ڪيس ياد ڪونه هو
هن ڪيترن سالن کان ڪير چکيو به ڪونه هو. اچ ڪيس خبر پ
ويندي ته ڪير جو ڇا سواد ٿيندو آهي ۽ هڪڙي ٿيلهيءَ مان س
پيٽ بلڪل ئي پرجي ويندو.

اِهو سوچي لالوءَ باغ جي ٻاهران ئي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪي
هڪ ٿيلهي پي ڇڏي. سالن کان پوءِ ڪير جو چشڪو چکيو هئا

”ها، ڪجهه اِئين ئي سمجهو....... ڇئو تہ سياڻي توهان سان
ج ۾ اچي ملان .... ۽ سربستو احوال ڪريان.“وندنا تڪڙ ۾
ويئي.

مون چيو، ”بلاشڪ، جيئن تون چاهين... چاهين تہ هاڻي
ي سگهين ٿي.. سياڻي ڪاليج ۾ اچين تہ بہ تنهنجي مرضي.“

مون ڏٺو تہ هڪ نوجوان ڇوڪرو ڪجهہ پريرو سندس انتظار
ب رهيو هو، انڪري وندنا بينچ تان اُٿندي چيو، ”مان توهان
سياڻي ڪاليج ۾ اچي ملندس......“ ۽ اِئين چئي وندنا اُٺي هلي
۽ هن ڇوڪري ڪي ساڻ وٺي باغيچي مان غائب ٿي ويئي.

باغيچي ۾ باقي رهيل چڪر پورا ڪرڻ تي منهنجي دل ڪونہ
مان اُٿي بينچ تي ئي ويٺو رهيس ۽ ڏيري ڏيري ماضيءَ جي سوچ
ر ٿي ويس.

ڏسجي تہ وندنا جي ڪهاڻي بيحد دردناڪ آهي. جڏهن بہ
س ياد ايندي آهي تہ منهنجو سِرُ ڪجهہ همدرديءَ مان ۽ ڪجهہ
ڪري جُهڪي ويندو آهي. وندنا منهنجي دوست واشو لُلا جي گرل
د هئي. واشوُ مون سان گڏ ساڳيءَ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. اسين
گهرا دوست هئاسين ۽ هيءَ دوستي ننڍپڻ کان شروع ٿي هئي
ن اسين ساڳي اسڪول ۾ ۽ ساڳي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. واشوُ
جي گرل فرينڊ يعنيٰ وندنا جي هر خبر ۽ ذري ذري ڳالهہ اچي
ي ٻڌائيندو هو ۽ ٻڌائڻ ۾ ذرو بہ شڪ نہ ڪندو هو.

هي ٻئي جڏا ڪيڏانهن بہ گهمڻ ويندا هئا يا ڪنهن پڪچر
جو پروگرام ناهيندا هئا تہ ان ۾ مون ڪي ضرور شامل ڪندا هئا.
يڪ مان سندن ڪباب ۾ هڏي ٿيڻ نہ چاهيندو هوس ۽ گهڻو
اڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ليڪن هي ٻئي اصل
دا ئي ڪونہ هئا. اِنهيءَ ڪري منهنجي وندنا سان ڇڱي خاصي
ائپ ٿي ويئي ۽ هوءَ پڻ مونکي ياڻ ڪري مڃڻ لڳي.

وندنا سامهون واري بلڊنگ ۾ هڪ پرائيوٽ فرم ۾ ڪم ڪندي
ڪيئن سندس واشوءَ سان ملاقات ٿي ۽ ڪيئن ٻنهي جون

(۱۳) ''سهارو''

باغيچي ۾ اچا چار چڪر ئي لڳايا هيم جو پنيان ڪنهن
سڏڻ جو آواز آيو. مسٽر جڳواڻي- پنهنجو ئي نالو ٻڌي مان هڪ
رڪجي ويس ۽ مُڙي پنيان نهاريو تہ هڪ وچولي عمر جي عورت
طرف اچي رهي هئي. پرسان پهچندي پڇيائين،''معاف ڪجو
توهين مسٽر جڳواڻي آهيو؟ '' مان ڪجهہ حيرت مان ۽ ڪجهہ س
نگاهن سان هن ڏانهن نهاريو ۽ چيو،''ها، مان سندر جڳواڻي آهيان
توهين؟'' مون کيس سڃاڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي چيو.

هن عورت پنهنجا ٻئي هٿ مٿي کڻي مون سان نمستي ڪ
مشڪندي سوال ڪيو، 'توهان مونکي نٿا سڃاڻو' مون پنهنجي
جي ڪمپيوٽر تي وري ڪلڪ ڪيو ۽ وات مان ازخود چيخ نڪري
''اَڙي........ تون وندنا........... ڪيڏو نہ بدلجي ويئي آهين...
ڪيئن؟ مون ٻڌو هو تہ تون ٻڙودي ۾ آهين؟''

''ها، مان اجا بہ ٻڙودي ۾ آهيان..... '' وندنا مون
نهاريندي چيو، ''هت ڪنهن ڪم واسطي آئي آهيان.. ۽ اُهو ڪ
توهان ۾ ئي آهي......''

''اَڙي، تہ پوءِ منهنجي ئي گهر اچين ها، مونکي ڪيتر
خوشي ٿئي ها....'' مون پنهنجائپ ڏيکاريندي چيو.

''ٻڌم تہ توهين روز هت گهمڻ ايندا آهيو، انڪري سوچ
هتي ئي اچي توهان سان ملان......''

مون کيس اشاري سان پرسان پيل بينچ تي ويهڻ لاءِ
اسين ٻئي وڃي خالي بينچ تي ويناسين. مون چيو، ''هاڻي ٻ
تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي جو مان ڪري سگهان ٿو. اِها تہ منهن
خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.''

''توهين نئشنل ڪاليج ۾ ٽرسٽي آهيو؟'' وندنا سوال ڪ

''ها، مان اجا بہ ڪاليج جو ٽرسٽي آهيان.. پر تون پ
ڪم ٻڌاءِ... ڇا ڪنهن جي لاءِ داخلا کپيئي؟''

ونڻ چاهي ٿو مون به وندنا کي شادي ڪرڻ لاءِ خوب سمجهايو، ن هوءَ ڪهڙي به حالت ۾ شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي. هميشه س هڪڙو ئي دليل هوندو هو ته هوءَ واشوءَ کي پنهنجي من ۾ پتي ي چڪي آهي ۽ جيستائين واشوءَ جي ياد سندس من ۾ قائم دي، هوءَ ڪڏهن به ٻئي ڪنهن کي پنهنجو پتي نه مڃي ندي، ڀل ته ان لاءِ کي صديون به گذري وڃن. جيڪڏهن سندس ت زوري ڪندا ته هوءَ نئين شخص سان نه پيار ڪري سگهندي ۽ نه ساڻس شاديءَ جو بندن نڀائي سگهندي.

وندنا، واشوءَ کي ايترو پيار ٿي ڪيو، اِهو ڄاڻي منهنجي من دنا لاءِ جا همدردي هئي سا شرڌا ۾ بدلجي ويئي. وندنا جو چوڻ ه هوءَ اڃا به واشوءَ کي پنهنجي ڀر ۾ محسوس ڪندي آهي ۽ س ڳالهيون ڪندي آهي. دنيا ڀل ته ان کي چريائي سمجهي ه به چوي ليڪن اِها حقيقت آهي ته استري جڏهن هڪ دفعو رت ٻڻجي ڪنهن کي پنهنجو ٻڻائيندي آهي ته اُهو رشتو توڙ ن نڀائيندي آهي.

وندنا جا مت مائٽ جڏهن وندنا سان شادي لاءِ ڪجهه سختي ڻ لڳا ته وندنا پنهنجي بدلي ڪرائي ٻڙودي هلي وئي ۽ اڪيلي لڳي. ان ڳالهه کي اڄ ويهارو سال ٿي ويا آهن جو اسين وري هڪ سان مليا نه آهيون. انڪري اڄ ڪيس هڪدم سڃاڻي به نه سگهيس.

ٻئي ڏينهن مان آفيس ۾ ئي هوس جو پٽيوالي هڪ چٽ آڻي نجي اڳيان رکي ۽ چيو، ''سر، توهان سان ملڻ ٿي چاهي.'' مون تي وندنا پڙهي هڪدم ڪيس اندر موڪلڻ لاءِ چيو ۽ اڌ منٽ ۾ اُن ساڳي ڇوڪري سان گڏ لنگهي آئي. مون ڪيس سامهون رکيل ي تي ويهڻ جي آڇ ڪندي چيو، ''مون پڻ توکي پئي ياد ڪيو.''

روايتي خوش خيريافت پوري ٿي ته مون ڪانئس پڇيو، ''ڇو ، تو ڪنهن جي داخلا لاءِ ٿي چيو؟ ٻڌاءِ ڪنهن کي گهرجي هن ۾ داخلا؟ اِئين ته سڀ جڳهيون ڀرجي چڪيون آهن، ليڪن جي لاءِ 'نه' ته ڪري ڪونه سگهندس.''

ملاقاتون وڌڻ لڳيون ۽ ڪيئن سندن هيءَ پهچان پيار ۾ بدلجي وي
ان جي مون کي ذري ذري ڄاڻ آهي. سندن پيار سچو هو ۽ ٻنهي
ٻئي کي دل وَ جان سان ٿي چاهيو. ٻنهي جي مائٽن کي به ڪو اعتر
ڪونه هو ۽ هڪ ڏينهن ٻنهي جو مڱڻو ٿي ويو ۽ شاديءَ جي پڪ ب
وئي. ٻنهي جي گهرن ۾ زور شور سان تياريون ٿيڻ لڳيون.

ليڪن قسمت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. شاديءَ کان
هفتو اڳ واشؤ جو لوڪل ٽرين هيٺان هڪ حادثي ۾ موت ٿي ويو. ب
گهرن ۾ ماتم مچي ويو. جنهن گهر ۾ خوشيءَ جون شهنايون
شروع ٿي ويون هيون ۽ زالن شاديءَ جا لاڏا ڳائڻ شروع ڪيا هئا،
رودن ۽ پٽڪي جا درديلا آواز گونجڻ لڳا. وندنا ته هيءَ خبر ٻڌ
ئي بيهوش ٿي ويئي. ايڏو وڏو صدمو برداشت ڪرڻ هن جي وس
ٻاهر هو. هن ته پنهنجي اندر ۾ آئينده جي لاءِ سوين سونهري
سجائي رکيا هئا، سي سڀ سڪل پنن جيان سڙي خاڪ ٿي وي
ڏينهن ته هن نه ڪجهه کاڌو نه ڪجهه پيتو. پاڻ کي ڪمري جي
بند ڪري ڇڏيو ۽ مائٽن جي آزين نيرازين کي اڻ ٻڌو ڪري پنه
ئي غم ۾ ڦتڪندي ۽ لڇندي رهي.

غم ڪيڏو به وڏو ڇو نه هجي، وقت جو مرهم هر غم کي گه
ڇڏيندو آهي. هي قدرت جو قانون ڪو نئون ڪونهي. شوڪ ج
جڏهن پورو ٿيو ۽ گهر ۾ جڏهن سڀ ڪجهه نارمل ٿي ويو ته ون
دل تي پٿر رکي جيئڻ قبوليو. ٻن مهينن کان پوءِ هن آفيس ب
شروع ڪيو.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته وندنا جي مائٽن وندنا جي شادي
ڪنهن ٻي ڇوڪري جي تلاش شروع ڪري ڇڏي. وندنا کي جڏه
ڳالهه جي سڌ پيئي ته هن پنهنجي مائٽن کي بلڪل ئي صاف
۾ کُليو کُلايو چتاءُ ڏيئي ڇڏيو ته هوءَ ڪڏهن به ۽ ڪهڙي به حا
شادي نه ڪندي. سندس مائٽن گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش
ليڪن وندنا ڪنهن جي به ڪونه ٻڌي ۽ پنهنجي ڪيل فيصل
محڪم ۽ اڏول بڻي رهي. سندس مائٽن ڪيس مڃائڻ لاءِ منهن

''اِهو اِنڪري جو مون واشوءَ جو ونش تي قائم ڪرڻ چاهيو.
ع کان اسڪول ۾ چاهي ڪاليج ۾ مون سندس پتا جو نالو واشديو ئي لکايو آهي.'' مون ڏنو تہ وندنا جي چهري تي فخر جي ريکا ڊوڙي ۽ هن مشڪي ڏنو.

وندنا جي منهن مان هيءَ عجيب ڳالهہ ٻڌي مان تہ ويتر وسميہ ۾ پئجي ويس. ڇا اِئين بہ ڪڏهن ٿيو آهي دنيا ۾ ! هڪ ڪنواري ڇوڪري، جا ڪنهن ٻار کي گود ۾ وٺي پنهنجي پريميءَ جو ونش قائم ڪري؟ مون دل ئي دل ۾ وندنا جي قرباني ۽ تياڳہ کي نمسڪار ڪيو ۽ من ئي من ۾ هن واسطي شرڌا جو ڀاوُ اڳہ جيان ڇوليون مارڻ لڳو. ان هوندي بہ پنهنجي پتڪندڙ من کي چپ ڪرائڻ لاءِ مون پڇيو، ''ليڪن وندنا، توکي هي سڀ ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي؟''

وندنا ڪجهہ سنجيدگيءَ سان چيو، ''ٻڙودي وڃڻ کان پوءِ مون اهو چڱي طرح محسوس ڪيو تہ اسان جي سماج ۾ هڪ استريءَ لاءِ اڪيلو رهڻ ڪيترو نہ دشوار آهي. اسانجي پرش سماج جو ڍانچو ئي اهڙي نموني جو ٺهيل آهي جتي استريءَ کي هر هميشهہ ڪنهن مرد جي آڌار جي ضرورت لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو آهي. استري جڏهن ٻار هوندي يا ڪنواري آهي تہ پيءُ جو آڌار گهرجي، شادي ڪري پتيءَ جي گهر اچي تہ پتيءَ جو آڌار گهرجي ۽ جيڪڏهن وڌوا بڻجي پوي تہ پٽن جو آڌار ۽ جيڪڏهن اولاد نہ هجي تہ ڏيرن جو يا پنهنجن مائٽن جو آڌار گهرجي. استريءَ کي خود جو جڻ تہ ڪو وجود ئي ڪونهي ! جتي ڪٿي هيءُ آڌار وڃائي وهي ٿي يا پنهنجو الڳہ وجود بڻائڻ چاهي ٿي تہ اُتي هن جي وجود کي هر طرح نابود ٿو ڪيو وڃي.''چوندي چوندي وندنا جي دل ڀرجي آئي. مون محسوس ڪيو شايد وندنا کي پنهنجن تلخ آزمودن جي ياد اَچي ويئي هوندي.

ٿورو وقت چپ رهڻ کان پوءِ وندنا چيو، ''اڪيلي عورت کي سماج ۾ هين ڀاوَ سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ ڪڏهن تہ کيس ڪلنا ڪري نہ صرف ڪانئس ڪنارو ٿو ڪيو وڃي، پر کي سڄڻ ۽ سماج جا ماڻهو کيس دٻائي ڌمڪائي ذليل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهن. هڪ

وندنا اُن نوجوان ڇوڪر ڏانهن نهاريندي چيو، ”هيءَ آ
منهنجو پٽ راڪيش... جنهن کي توهان جي ڪاليج ۾ انجنيرنگ
داخلا گهرجي. اوهين مدد ڪريو ته بيحد مهرباني ٿيندي....“

وندنا جي واتان ’پٽ‘ لفظ ٻڌي مون کان ڇرڪ نڪ
ويو. هيءَ ساڳي وندنا آهي جنهن واشوءَ جي موت بعد شادي نه ڪرڻ
پڪو پهه پچايو هو ۽ مٽن مائٽن سان ان ڳالهه تي ڦتائي وچي بڙ
رهي هئي. هيءَ ساڳي وندنا آهي جنهن ايترو جلد شادي به ڪ
ورتي هئي ۽ هاڻي ارڙهن سالن جي نينگر جي ماءُ به هئي جنهن
هن اسان جي ڪاليج ۾ داخلا تي وڻڻ چاهي! ته پوءِ ان پيار ج
ٿيو، جنهن لاءِ مون کيس پيار جي ديوي ڪري سمجهيو هو. منهن
من ۾ هلندڙ ڪشمڪش کي وندنا شايد ڀانپي ويئي. چيائين، ”او
کي تعجب لڳندو هوندو ته هي منهنجو پٽ ڪٿان آيو؟ ضرور
شادي ڪئي هوندي ۽ هڪ نئين دنيا وسائي هوندي..............“

ٻنان کو جواب ڏيڻ جي مان وسميه ۾ وندنا طرف نهار
رهيس. هيءَ ڪهڙي پرولي هئي جا وندنا ٻڌائڻ تي چاهي. شا
ٻنان به ڪو پٽ ڄڻي سگهندو آهي ڇا؟ مونکي هيئن منجهندو
وندنا چيو، ”مون کا به شادي بادي ڪونه ڪئي آهي، پر اِها حق
آهي ته راڪيش منهنجو پٽ آهي. ... راڪيش واشديو لُلا......“

وندنا ته منهنجو موُنجهارو اڃا به وڌائي ڇڏيو. شادي به
ڪئي اٿس پر هي واشديو لُلا جو پٽ به آهي، سو ڪيئن ٿو ٿي سگ
واشوءَ ته ڪابه اهڙي ڳالهه مون سان ڪونه ڪئي هئي. جيڪ
سندس موت کان اڳه هي راڪيش وندنا جي پيٽ ۾ هجي به ها ت
مون کي ضرور ٻڌائي ها يا ته ان جي ڄاڻ وندنا کي واشوءَ جي
کان پوءِ پئي هوندي. جلد ئي وندنا منهنجي مونجهه کي دور ڪ
چيو، ”......... مون راڪيش کي پنهنجي گود ۾ ورتو آهي... ا
هي منهنجي ڀيڻ جو پٽ آهي.“

”.. ته پوءِ واشديو لُلا جو پٽ ڪيئن ٿيو؟“ مون هڪدم ڪ
سوال ڪيو.

(١٤) ”ٻه خط“

ريون خط :

منهنجا پيارا دوست موهن !

مان جڏهن به ڪنهن مشڪل ۾ هوندو آهيان يا ٻچتو تي پوندو
يان ته تنهنجي صلاح جي شرڻ وٺندو آهيان ۽ تون هميشه منهنجو
رشڻ ٻڌجي مونکي صحيح رستو ڏيکاري منهنجو مارگ درشن ڪندو
ين. اڄ به مان اهڙيءَ ڪشمڪش جي دؤر مان لنگهي رهيو آهيان،
هن ڪري ڪو به فيصلو نٿو ڪري سگهان. اُميد اٿم ته هي خط
هي تون پنهنجو نرپڪش رايو ڏيئي منهنجي مشڪلات آسان
ندين.

توکي وستار سان ڇا ٻڌايان؟ توکي ته منهنجي سموري ڄاڻ
ي ته پريما جي ديهانت تي ڪيئن راڌو ۽ سندس ڪنوار سنيتا رڳو
ار لاهڻ لاءِ هت آيا هئا. ٻارهو گذاري واپس وڃڻ وقت تائين هڪ
رو به پلجي ڪري پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ ڪونه چيائون. پريما جي وفات
ن پوءِ مان بنهه اڪيلو ٿي پوندس، اِهو بخوبي ڄاڻندي به هوُ
موش رهيا. هيترن سالن کان جو الڳه ملڪ ۾ الڳه سپيتا ۾ رهندا
ي آيا آهن ته هوُ رشتن جو مرم به وساري ويٺا آهن ۽ اِئين چئي هليا
ته جڏهن ڪا ضرورت ٿئيوَ ته اسان کي لکجو يا فون ڪجو. اِهو به
ن ڪونه آين ته مان دل جو مريض آهيان ۽ ستر جو ڏاڪو پار ڪري
ڪو آهيان، جنهن لاءِ مونکي هر پل ۽ هر قدم تي ڪنهن نه ڪنهن
اري جي ضرورت پوندي، جا جوابداري اڄ تائين پريما پئي
عيندي آئي. ها، ايتري مهرباني ضرور ڪري ويا جو گهر جي چند
ءَ واسطي، ٻهاري پوچي واسطي ۽ مون لاءِ رڌ پچاءُ واسطي شڪوءَ ماءُ
گهر جي نوڪرياڻي ڪري رکي ويا ته منهنجي سار سنڀال لهندي
ن ۽ ٻه ويلا روٽيءَ جا ملندا رهن. اِئين ڪرڻ سان هنن شايد اِئين ٿي
سمجهيو هوندو ته سندن جوابداري پوري ٿي.

شڪوءَ ماءُ هڪ غريب وڌوا عورت آهي، جا اسان جي پاڙي کان

بھادر ڇوڪري ٻڻجي مان ھن سماج سان مقابلو ڪريان، ايتري
مون ۾ ڪونہ ھئي، ان ڪري مونکي راڪيش کي گود ۾ وٺي پن
لاءِ آڌار ۽ آئيندھہ جو سھارو ٻڻائڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو.''

مون ساڻس سھمتي ڏيکاريندي چيو، ''وندنا تون س
چوين. تو نہ صرف پنھنجي لاءِ آڌار ڳولھي ورتو، بلڪ پنھنجي
جي پيار کي امر پڻ ڪري ڇڏيو! تون ڌنيہ آھين!!''

مون ھڪدم آفيس جي وڏي بابوءَ کي گھرايو ۽ ڪيس
ڪندي چيو تہ راڪيش کي ڪاليج ۾ داخلا ڏني وڃيءَ اڄ جو اڄ
ڪم پورو ٿيڻ گھرجي. وندنا ۽ راڪيش وَر وَر ڪري
''ٿئنڪس'' چئي وڏي بابوءَ سان گڏجي ٻاھر نڪري ويا.

(ڪونج- آڪتوبر

✧✧✧✧

بداري شڪوءِ ماءُ بخوبي نموني نڀائي مون کي نوبنو ڪري ڇڏيو
ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس رات جو ساڻس ڪمري ۾ به سمهڻو پيو ۽
پر جاڳي منهنجي سنڀال ڪرڻي پيئي. اِنهيءَ تي ڪن پاڙي وارن
ڪن بين ڪانافوسي به ڪئي ۽ بي بنياد الزام لڳائي شڪوءَ ماءُ کي
ام ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ليڪن شڪوءَ ماءُ اُن جي ڪا به
اهه نه ڪري پنهنجو فرض نڀائيندي رهي. تڏهن مون محسوس
۽ ته شڪوءَ ماءُ هڪ بهادر عورت آهي جا صرف پنهنجي وويڪ جوئي
ندي آهي.

اِن ڪان پوءِ شڪوءَ ماءُ ڄڻ ته منهنجي گهر جو هڪ ڀاتي ٿي
ي آهي. ڪيس سموري ڄاڻ پئجي چڪي آهي ته مون کي ڇا پسند
ب ۽ ڇا ناپسند آهي. ڪهڙي وقت ڪيڏانهن ويندس ۽ ڪڏهن
ندس، سو سڀ ڄاڻي وئي آهي. رسوئيءَ ۾ ڇا نهڻ کپي، تنهن لاءِ
ان ڪان پڇڻ جي ضرورت بلڪل ئي ڪونه ٿيندي اٿس. نيرن چاهي
جهند چاهي رات جي ماني پنهنجي حساب سان ٺاهي رکندي آهي
ون ڪڏهن به اِئين محسوس نه ڪيو آهي ته تيار ٿيل ماني
نجي پسنديءَ وٽان ناهي. ڪهڙي شيءِ ڪٿي پيئي آهي سو به
جهي ويئي آهي. ڪڏهن ڪا شيءِ مون کا به نه لڀندي آهي ته مان
ءَ ماءُ جي مدد وٺندو آهيان ۽ هوءَ بيني پير اُها شيءِ آڻي ڏيندي
ي. اِئين سمجهه ته هوءَ ڄڻ گهرَ جو هڪ حصو بڻجي پيئي آهي،
ن جي سهاري کان سواءِ مان هوند هڪ ڏينهن به جالي نه سگهان.
هن ڪڏهن ته اِئين ڀاسجڻ لڳندو آهي گويا پريما ئي رنڌڻي ۾
آهي ۽ اِجهو ٿي مون لاءِ چانهه جو ڪوپ ٺاهي کڻي اَچي! سچ ته
آهي مان سندس مؤجودگيءَ ۾ هڪ قسم جو سڪون محسوس
و آهيان ۽ اُهو پريما کان پوءِ جو اڪيلائپ جو احساس ڄڻ ته غائب
ڪو آهي.

هن رشتي کي ڪهڙو نالو ڏجي سو سمجهي نٿو سگهان. پريما
جِڳهه ته ڪوئي به پري ڪونه سگهندو. ڪيس هڪ دوست ڪري

ٿورو ئي پري هڪ ڪچي مڪان ۾ رهندي آهي. بيحد ئي بد نص
عورت آهي ! جوانيءَ ۾ ئي پنهنجو مڙس وڃائي ويٺي. ننڍڙي
شُڪوءَ جو آسرو هوس ته وڏو ٿي سندس دک درد دوُر ڪندو، ل
قسمت جڏهن رسندي آهي ته پوري ستياناس ڪندي آهي. م
ننڍڙو شُڪوُ گهرَ جي پرسان ٻارن سان راند ڪندي هڪ ڪار جي ح
۾ ويندو رهيو. بي سهاري شُڪوءَ ماءُ ، جنهن کي نه پيڪن جو
ساهرن جي مدد، اِئين ئي گهرَ گهرَ جا ٻاسڻ ٻهاري ڪري پند
پيٽ پاليندي رهي. هاڻي جو هڪ ئي گهرَ جو سمورو ڪم ڪار ڪر
موقعو مليس ۽ چڱي چوکي پگهار جي به آڇ ٿيس ته هوءَ پاڻ کي
خوش قسمت سمجهڻ لڳي ۽ دل وَ جان سان پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾
ويئي. ڪڏهن به ڪنهن غلطيءَ جو موقعو نه ڏنو اٿائين نه اڄ تائي
اهڙي ڳالهه ڪئي اٿائين، جنهن سان مالڪ کي ڪاوڙ لڳي يا
ناراض ٿئي. هميشه ڪيس نوڪري وڃائڻ جو ڀؤ لڳو رهندو
اِنهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪنهن مهل ڪُمهل ڪو ضروري ڪم
آهي ته شُڪوءَ ماءُ بنان ڪنهن عار جي ۽ بنان ڪنهن ڊپ ڊاوَ جي
ڏيندي آهي ۽ سدائين مونکي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندي آه

گذريل سال مونکي ٽائفائيڊ جي بخار اچي ورتو. راڌي ۽
کي ٻڌائڻ جي مون ڪابه ضرورت نه سمجهي چو ته مون ڄاتو ٿي
ڪو نه ڪو بهانو ٺاهي پنهنجي پنهنجي جند ڇڏائي وٺندا. ڪ
اسپتال يا نرسنگ هوم ۾ داخلا وٺڻ لاءِ مان تيار نه هوس چو ته
جي گذاري وڃڻ کان پوءِ مون کي الائي چو اسپتال کان ڀؤ ٿيد
آهي. پريما جي مون کي اُها آخرين گهڙي اڃا به ياد آهي جڏه
پنهنجي اکين جي سامهون ڪيس ساهه ڇڏيندو ڏسي رهيو
ليڪن ڪري ڪجهه به ڪونه ٿيسگهيس نه ڊاڪٽر ئي ڪجه
ٿي سگهيا. انڪري مون شُڪوءَ ماءُ جو سهارو وٺڻ بهتر سمجهي
ويچاري صبوح کان رات تائين منهنجي شيوا ڪندي هئي. وقد
دوائون ڏيڻ، شرير جي صفائي ڪرڻ ۽ وقت به وقت مٿي تي
پاڻيءَ جون پٽيون رکڻ، اِهي سڀ ڪم سندس ذمي هئا

ئين پهچي. ان حالت ۾ ڪورٽ ڪچهريءَ جا ڦيرا ويچاري سُڪوءَ ماءُ ڪونه پائي سگهندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته هنن جي دٻاوَ ۾ اچي مڪان ائي ويهي. انڪري مان ڪو اهڙو پڪو بندوبست ڪرڻ ٿو چاهيان بئن منهنجي موت کان پوءِ سُڪوءَ ماءُ گهر جي مالڪڻ بڻي رهي ۽ س ڪا اُپت به ٿيندي رهي، جنهن سان هوءَ زندگيءَ جا باقي بچيل نهن سک سان ۽ مزي سان جي سگهي. مان اِئين چو ٿو ڪرڻ هيان، سو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. ٿي سگهي ٿو ڪجهه دردئ جو ڪارڻ هجي، ليڪن ان کان وڌيڪ مون کي اِئين ٿو لڳي منهنجو سُڪوءَ ماءُ سان ڪجهه پنهنجائپ جو رشتو بڻجي ويو آهي.

سيني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي مون اِهو ويچار ڪيو آهي ته ين بئي شادي ڪريون. هي پڙهي توکي به شاڪ لڳي ويو هوندو ۽ چيندو هوندين ته ڪٿي منهنجي ڪَلَ ته ڪونه ڦِري آهي جو هن ر ۾ به شاديءَ لاءِ پيو سوچيان ۽ سو به اُن سان جا مون کان ٽيهه سال ي آهي ۽ منهنجي ئي گهر ۾ نوڪرياڻي آهي. مان اِهو به ڄاڻان ٿو منهنجي اِن فيصلي خلاف چوڌاري هاءِ هاءِ مچي ويندي. ٻيا ته ، پنهنجا ئي مٽ مائٽ آڱريون ڪٽيندا ۽ ٿي سگهي ٿو راڌو ۽ سنيتا بغاوت ڪري وجهن. ليڪن مان ان کان ڊڄڻ وارو ڪونه آهيان. ي ٿيڻ کان پوءِ ڪوبه سڪوءَ ماءُ جي حق کي نڪاري نه سگهندو ۽ ي ڳالهه ته مونکي جا پينشن ملندي آهي سا به استري هئڻ جي ي سُڪوءَ ماءُ کي بي روڪ ۽ هر مهيني ملندي رهندي جنهن جي ي سندس باقي زندگي آرام سان ڪٽجي ويندي.

تون منهنجو شپ چنتڪ ۽ همدرد دوست آهين ۽ هميشه ي غلط راهه تان هٽائي ڪيترائي ڀيرا صحيح راهه ڏيکاري آهي. نجي اڄ جي منودشا کي چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهين ٿو. ري ٻڌاءِ ته مان سُڪوءَ ماءُ سان شادي ڪري ڪو غلط ڪم ته ڪونه ي رهيو آهيان. مون کي پڪ آهي ته سُڪوءَ ماءُ کي به هن ڳالهه لاءِ عتراض نه رهندو. تنهنجي ترت جواب جي اِنتظار ۾..........

تنهنجو دوست، سترام

سمجهان يا ان کان بهتر هڪ ساٿي ڪري سمجهان؟ ليڪن دو
ساٿي چوڻ بہ تڏهن درست ٿيندو، جڏهن دوستيءَ جو پاوُ يا پاونا
طرف هجي. سُکوءَ ماءُ جي من ۾ مون واسطي ڪهڙي پاونا هوند
تہ مان چئي نٿو سگهان، ليڪن ڪڏهن بہ هن اوپري هئڻ جو اظ
ڪيو آهي. هميشہ پنهنجن وانگر ئي هن مون سان سڪ پريو ورتا
ڪيو آهي ۽ پورو وشواس ڏيکاريو آهي. اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ه
من ۾ مون اڪيلي ۽ پوڙهي پيرمڙد لاءِ اوتري ئي همدردي
جيتري منهنجي من ۾ هن غريب ۽ مسڪين وڌوا واسطي آهي

تون چوندو هوندين تہ مان هي سڀ توکي ڇو ٻڌائي
آهيان؟ ها، ان جو بہ هڪ ڪارڻ آهي، سو بہ ٻُڌ.

مان هاڻي پنجهتر سالن جو ٿي چڪو آهيان.
ڪيستائين ساٿ ڏيندي، ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ڪڏهن بہ
ٿي سگهي ٿو ۽ زندگيءَ جي وينا جي تار هلندي ٽٽي پو
سوچي مان سُکوءَ ماءُ لاءِ ڪجهہ پريشان ٿي ويندو آهيان. من ۾
اُٿندو آهي تہ هن کي ڇا وري نئين سِرِ گهرِ گهرِ وڃي باسڻ
ڀاري پائي مفلسي ۽ مسڪينيءَ جي زندگي گذارڻي پوندي؟
سُکوءَ ماءُ پنجيتاليهن سالن جي آهي. ڪيس تہ اڃا بہ گهڻو جيئڻ
تہ پوءِ زندگيءَ جو باقي سفر ڪيئن پورو ڪري سگهندي؟

مان چاهيان ٿو تہ سندس ڪيل شيوا جي عيوض ۽ سا
جي ناتي، مان پنهنجو هي مڪان هنجي نالي ۾ وصيعت
ڇڏيان، جيئن منهنجي موُت کان پوءِ ڪيس رهڻ لاءِ ۽ سِرُ ڍ
گهٽ ۾ گهٽ هڪ گهرُ تہ هجي، ليڪن اِئين ڪرڻ ۾ هڪ امڪ
منهنجي آڏو اچي بيهندو آهي سو هي تہ هي انتظام راڏي
کي هضم نہ ٿي سگهندو. هوُ تہ اڳ۾ بہ ڪيترائي ڀيرا هي مڪا
نالي ۾ ڦيرائڻ لاءِ چئي چڪا آهن ۽ شايد منهنجي موُت
صبريءَ سان اِنتظارڪري رهيا هوندا. انڪري مونکي خاطري
وصيعت کي ڪوڙو جئي مخالفت ڪندا ۽ شايد ڳالهہ وڃي

(۱۵) ”ڪوئي پُٽ چو ڳهرندو؟“

